٣- جانب سنديءَ جوڙ ڪان - ڪير ڪري انڪار
٤- ڪڏهن نه ٻئي ڪنهن ڪانءِ ڏئي - مورڪ من ميار
٥- پنهنجي ڀوڳي خلق خالق جي - ڪرمن انوسار

سنگر تن پنڌ پڇڙو - ڪٽيو سٽائو سولو
جهر جهنگ، ٿڌڙون جهولو - پرُوس پسن ڪينڪي

١- طالب ٻڌجي ٿاءِ - ڪر سدا سنگر، سات جي
٢- جن ساري، پسيو پاڻ ۾ - سي لڙون نه ڪا ٻي لاءِ
٣- پرُوس تن پيارن کي - ڏاڍو ڏياري ڏاتِ
٤- وندر وڻن، وڻ ڍڍها، ڏيهُ ڪل سي سمجهن واهيات
٥- نت جانب جاڳي رات - اوڙون اوڙن اندر ۾

ڪيم ڪر ڪڌيئجي ٻرائي - جڳت ۾ پاڻهي ٻڌا
ٿر - ٻڌجي پاڻو ڪر نت پلائيءَ -
ساڃ خدمت عام جي
آهه اهو انمول سوڪو - ٿو لهه سچ سنسار ۾
جاڻ پڪ آهه سو ٻرابر - پرُوس پوڄا ڀڳوان جي

سيڪي پلا انسان - جي چاهن پاڻو عام جو
سکي رهڻ سنسار ۾ - ڏري مسڪينن ڏيان
ڏين، ڏهاڙن ڏين ڪي - خود ٻائي ٻڌجي ڏان
قدرت هڻ ٿن جو ڪيو - پرُوس اعلي شان
اگيانيءَ کي گيان - نت ڏين پاڻ ذات سان

نہ نفرت ساڻ تنهن ٻاري -
نہ غيرت دل ۾ ڌاري ٿو
نياز وارن نگاهن نيڪ، سان پروس نهاري ٿو
سدا هر سانس ۾ سهڻل - انا الحق پڪاري ٿو

ڏجهون ٿي ڳائين - آيتون عبادت واريون
عاشق پنهنجي جيءَ کي - تن سان رجهائين
ٻسي هردي هوت کي - نہ ٻئي در واجهائين
پروس نت پائين - هرڪا راحت پاڻ ۾

صبح سان ٿي ڪاهہ - پهچي وحدت وٽ ۾
سج لٿي سانجهيءَ جو - اوندهہ اچڻي آهہ
ٻدا رهبر راهہ ۾ - راهي وات منجهاءِ
پروس اهڙي آهہ، اوکي منزل عشق جي

پر دل ۾ سڪ ۽ سار - عاشق انا الحق جي
بند ٻيائيءَ جا ٻڌي - هڪ ٿي نظر نهار
ذات پات مخلوقات جو - دل ۾ بغض نہ ڌار
پروس اهڙي پار - پرين ڪندا تو پانهنجو

صاف صفا چولو - صوفي جوڙن جان تي
سڀني سار سبحان جي - تن ٻُو نڪو ٻولو

جي ڪفر ڪمائن اوٽ ۾ - سي ٻڌا ٻي ايمان
رهن پروس پريشان - ٻڌا راحت روح جي

ڇڏ هوڏ هٺيلا هٺ - نہ پائين اوٽ پرين جي
ڇوندھ هرڪو نياز ان - شل مٺا پوئي ڦٽ
سڀ سلن ساڳي ڳالهڙي -
سڌ ساڌ ۽ مڙهيون ۽ مٽ
پروس ڪوڙو نٽ - نہ پوي قبول پرين کي

ڇپ ڪر ڇپ نہ ڇور - مٺان اڙڪو اديبن کي لڳي
سوز سڙن جي سمرٽي- مٺ ماٺ ۾ سهٽل سور
پير وڌائي پڙ ۾ - نہ پروس پوئڻي موڙ
سيڻي پهتا ٿوڙ - جي موڙم ويٺا واٽ ۾

جنهن من درشن آس- نت راهہ تڪن رهبر جي
ٻاڙو ٻولن ڪيڏڪي - نڪي رهن نراس
سارن سمرن نام هر - پروس هر پل سواس
ٽيڙا رهي راس - پائي اوٽ الک جي

پروانو پرلوڪ جو

آيـو ڪي آهـو - پروانو پرلوڪ جو
ويل وهامڻ ڪان اڳي- ڪر ورڻ جو سعايو

مئڪش جي عارضو

١- جامي مئه مئڪش مئخاني ۾ جهلي جهومي چيو
خوب قدرت مئڪشن لئه -
هي روحي راحت پيدا ڪيو
٢- شاهه آهيان شراب خاني ۾ - هوندي مفلس بشر
ساٿ ٿم پئماني ساقيءَ - صبر سي شب تڪ اگر
٣- ڪين گهر جي مون ٻيو ڪجهه -
هن سواءِ اٿئه دوستو
تو مئايان غم الاهي - ساڻ هن اٿه دوستو
٤- عارضو بس هڪ اٿم - صبري جڏهن نڪران گهران
جام پيئندي چلڪندو - ٻروس مئخاني ۾ مران

وڏ ڀاڳي اڄي ماڻ ٻروس آنند اندر جو
سوڌي ساڌو سنت کي - پنهنجي اڱڻ آڻ
ويهي ويچهو تن جي - ٻوري ڌوڙو ساڻ
سهيس جهڪائي صبر سان سڄڻن جي روح رهاڻ
ٻونده ٻوءِ ٿو چاڻ - اکنڊ جوت اندر جي

جڏهن مـن سار سڀڏان - نه اڙيا رهن ار چڻ ۾
رهن حقيقي راهـ ۾ - اندر پري ايمان
وحدت، نڙت، نياز ٿـن - فقيرن نيشان

سڪ ساجن لءِ

ساجن لءِ سڪ سار- رهي سڄڻيءَ جي سيني ۾
نيڻهن وارن نيڻن مان - نير وهائن نار
وهاري ڦر اکڙين ۾ - نت پسي ديدار
پروس اهڙي پار - گهاري سڄڻي گهوٽ سان

ڪير نه سگهي منهن موڙ- پائي پروانو پرڏيهه جو
هليا ننگا هيڪلا - ساٿي ء سمهت ڇوڙ
هتان نه موٽيو هيڪڙو - هتان ويڙا چڙهي ڪوڙ
سيئي پروس پهتا لوڙ- جني ورتي اوت الک جي

چوَن جڳهه جي جائي- سي سوُ رهه ويا سنسار مان
سوچ پنا موڙ ڪري - ڦڙ ڦڙ اجائي
سچ نه آکن موڙهين- ڪن ڪوڙي وڏائي
پروس ملهه پائي - جاڙيج ان انسان جي

بن ست سنگ گر گيان- من وسي وڪارن وات ۾
ڦاسي گند گناهه ۾ هٿ هٺي انسان
نه پيئي دز درويش جو - نڪا سار سبحان
پروس پريشان - نت رهي ڪرم ڪپا ڪري

ٻنا ڀڳتي ڀاءُ جي - جيئو آيو اجايو
جن ڏٺائيو هر جيءَ ٻري - تن جيون سڄايو
ڪرمن ڪمايو - ٻروس نيئڻ ٻن پاڻ سين

الک سندي انوکي اوٽ - جني پاتي جڳت ۾
ڪٽيون ڪرمن جون ڪڙيون -
تن جون ڪوٽان ڪوٽ
ڀيٽي ٻستيءَ لافنا - مور نہ ڪائن موٽ
جن جي من ۾ ڪوٽ - سي ٻروس رهيا ٻوڙني

زندگيءَ جو دؤر

١- زندگيءَ جي دؤر ۾- ڇا ڇا ٻڌا تو ڪرڻو آهہ
ڪانہ ڪنهنکي ڪا خبر- ڪاڏي قدم ٻيو ڪڻڻو آهہ
٢- ڪي گذر، گذران ڪچ -
ٻڪ جاڻ باقي نہ ٿيندو گذر
راهي جيون ۾ سهي سک سوُر -
هر ڪنهن هلڻو آهہ
٣- جدم پائي جڳت ۾ لئو ڪرم آنند پاڻ سان
ان مطابق ڀوڳہ ڀوڳي- اصلي وطن تو ورڻو آهہ
٤- غم نہ ڪر ٻروس اڄا ٻي - آهہ تو اوسر گهڻو
ڇڙهہ نرت ڀڳتي ناؤ- ڀوساگر اگر تو ترڻو آهہ

ألٽيون راهون

١- ألٽيون راهون عاشقن - ألٽيون ٻوليون ٽن
٢- ڏک ڏورانهيا ڏوجهرا - سختيون سور سهن
٣- پنهنجيءَ مت وارا پرين - دل ۾ درد ڀڃن
٤- گلا غيبت گاريون سڀ - سهج ڪري سمجهن
٥- سڀڪي ستائيندڙ رهو - ڪن اهڙي دعا اُت
٦- پاڻ ڀروس شاد رهن - نت پنهنجي من مستيءَ ۾

هوتن اڳيان

١- هوڏ حجت ڪا ڪانهه - هلي هوتن اڳيان
٢- جي نهڙيا ادب نياز سان - سي سڏجن انسان
٣- جي اچن اوُنچي سر أتي - من ٻري غير غمان
٤- آلا سي سڏجن سدا - ٻي نوُر ٻدا نادان
٥- سک عيسائي مسلم هندو - پير وير سلطان
٦- صاحب جي سرڪار ۾ - هر عالم آهي سمان
٧- جني ساريو سک سان - سرجڻهار سبحان
٨- ٿيان محب مهان - ٻائي ڀروس پاند پناهه جو

هاديءَ جهلي هٿ - چڪي ڪيو چولهن مان
چيم آلا اُت پاڻ ڪي - لون ڙلها ڪهڙي وٿ
جهلج ڀروس سوگهو هٿ - نمس رهبر سهد وراهه ۾

طالب

طالب ترڪ نہ ڪر - طلب ذات سبحان جي
ويهي ڇپر ڇانو ۾ - ڏيان عجيب ڏر
ڇڏي تڪبر تڪوا - ٻاڙ ٻرن جي ٻر
ماري مستي من سندي - توبهہ زاري ڀر
ٻروس پوءِ ڦر ڦر - پسبج ڀاڻ ڪي ڀاڻ ۾ :

مُڏي پر مُڏ ڪاءِ

مڏي، پر مڏ ڪاءِ - محب ڪڏهن مسڪين ڪي
ڪير ڄاڻي ڪهڙي آس يا تنهن دل درد سماءِ
عاشق، داناءِ، مسڪين ڪان - دعا ملندي آهہ
خادم جيان خدمت ڪري - پروس توڻ نہ ڪماءِ
سانگي ڀڳتي بندگي - صاحب سندي آپناءِ
جا ڪري من اچاهہ - ملائي محبوب سان

سيُس

سدا سيس جهڪاءِ - ڀهڙي ڏر درويش جي
ٻڌي هٿ، ٻانهون ٻڌي - نمٽون نير وهاءِ
خاصو خدمتگار ٿي - نظرون هٿ نماءِ
هوندي سوڌيل سون ٻي - ڪو نو سڪو سڏاءِ
نينهن نماڻو ٽڪي - اُف ٻهڙا عيب الاءِ
معافي محبوبان کان - پوءِ پيي ڀاءِ نہ ڀاءِ
پروس اهڙي آهہ - عاشق عدالت عشق جي

١- سنڌ کي پڻ تو سجايو ۽ سينگاريو ناز سان
سبق علم اَخلاق جو پڻ - پڙهيو، پاڙهيئه نياز سان
پرڏيهي پيا سدا سارن - توکي وڻج واپار ۾
نيڪن نماڻو، نيڪ دل سمجهي تو هر وهنوار ۾
٢- دان ڏيئي، نام نيئي - سکئين ستسنگ ساڻ کان
ڪرم اهڙا نيڪ ٿا نت پڇاڻن ايراڻ کان
ويد باڻي، عاشقاڻي - ڳائين نت سمسار ۾
جا، پار اُتاري جيو کي - ناو پڻجي جيون ڌار ۾
٣- تو نه ڪڏهن دل ۾ ڌريو ڀيد ڀاو ذات و نيات جو
سڌ ۾ سڌ ڏيندو رهئين -
هر ڪنهن کي ڏينهن ۽ رات جو
ڪير ڪڍي دل مان ڪڏي - قومون ملن ڪل ڀاڻ ۾
گڏارن گڏجي ائين جيئن - واڳيل ڪڻولو واڻ ۾
٤- ڇا جوان مان ڏيهه پيئر - ماءُ ۽ منڙيون اَديُون
امير ٿوڙي غريب گهر - عاقل عملدارن سڀئون
ساڻ هڪ ٻئي کي ڏئي - هر قوم هر تهوار ۾
پار ٿن جا گلن جيان - خوش ڏين ٿن جي پيار ۾
٥- اچ به ساڳيا چنڊ تارا، سج ۽ ڌرتي آسمان
پرندا، ساڳيا اُڏامن، سيئي پسُون پڻ بي زبان (جانور)
پر پسان پيو فرق پروس - انساني رفتار ۾
مشڪل سگهڙ سمنان کاڻي - ساڻ ڏئي پرلوا ۾

ورلي ڪنهن ڄاتو

١- ورلي ڪنهن ڄاتو - مرم سنگر مهر جو
٢- ڪري ستسنگ، ساڌ سنگ - ٻاڻ منجهه ٿي ٻاتو
٣- اَندر اِنءَ اڪنڊ جوت سان - جوڙيو نينهن ناتو
٤- پاڻي، اَهڙي روشني - تن ساڪي سڃاتو
٥- موُر نہ سو گياني رهي - عمر ڀر آتو
٦- ڪين ستائي پوءِ تني - مان، مان جو پاراتو
٧- ٻروس ڪوليو ٻاڻ ۾ - تن، ترم، ديا ڪاتو
٨- مڪتي پد پاتو - اهڙيءَ نرمل نيت سان

سڪ

١- سڪ اِسم ساڳي - پر الڳ ضمير انهيءَ جا
٢- جن ڪي سڪ سڀڻان جي - سي سڌ جن وراڳي
٣- ڪي صوفي سڪ سوز ۾ - نام جپن جاڳي
٤- ڪي مير سڪن سنتان لئه - محلن جا واسي
٥- ڪي شائق مئخاني جا - سارن مئه ساقي
٦- جن ٻرجهي ٻاتو ٻاڻ ۾ - سي سڌ جن وڏڀاڳي
٧- پنڊت مرشد، پير ٻڻ - شش مريد ستوادي
٨- سي ٻروس اڙياڳي - جن هوندي ڏوُر بہ نا پسيو

خوشنصيب سنڌي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلا

خوش نصيب آهين سنڌي تون اِڃ ہ هندستان ۾
شاد پيو گهارين عمر - پهچي اَصل اِستان ۾

٥- لٽ وڃهو وهسن سڀرين- هوندي ڏينهان ڏوڙ
٦- ٻهنا ٻستيءَ لافنا - ٻائي وحدت ٻور
٧- ڪڍي من مان غير غرور- پروس صوفي صاف ٿيا

ڳوٺڙن ۾ ڪم ڪندڙ ڪاسبي

حجم - ڌوٻي - ميراڻ- ڪڙمي - ڪوري- ڪنڀر ٻڪڻ - دايا ۽ (دايون) جي وڃ ڪرائيندڙيون هيون - لوهار - موچي - ٻڪراڙ - ڳدوار (ڳايون مينهون چارينڊڙ) قاصائي - مڱڻهار (جيڪي دهل شهنايون وڄائيندا هئا) - پينگي (ڪاڪوس صاف ڪرڻ وارا) - سڻ ٻڌ (جاڙن جوڙڻ وارا مستري) - چاڪي (گهاڻن پيڙڻ وارا) تيل ۽ ڪڙ ڪاڍڻ وارا - ڪڙ ٻورن ڪي ڪٽر ۾ ملائي ڪاراٺبو هو تہ پٽاريون (ڳايون ۽ مينهون) ڪيڻ گهٽو ڏينديون هيون.

١- جن ساڙيو سڙ هٿهار - ٻيري حب هردي ۾
٢- پسي اڪنب جوت اندر ۾ - پاتو جيءَ قرار
٣- رليا رهن روح ۾ - ڪري وحدت جو واپار
٤- پسن ڪاڙي پاڻ ۾ - صورت نج ساڪار
٥- ساڻي رهي هر حال ۾ - لن نرمل نرهنڪار
٦- پروس اهڙي پار - رهن سکي سنسار ۾

جي مڙيا سي جانب جڙيا - هوڏن ڪاڏي هار
ڪيڏي ڪبڏيا اندر مان - ديا ڏيرج دل ۾ ڏار
پاڻجي سڀ ٻولا ڀرم - سڪ سان سهٽل سار
ڏاڻين نيڻ نهار - ته پروس پسين پاڻ ۾

ڪندو رهه تون ڪرم پنهنجا

١- ٻين سان تون ڪهڙو مطلب -
ڪندو رهه تون ڪرم پنهنجا
آهنج مسڪين ۽ ڏکين جا -
مٽاءِ آهن جي جڳ اهنجا
٢- ٽا گهارن جي جڏو جيون -
ٻنا آڌار ۽ قرب ڪنهنجي
منشيه جي روپ ۾ هر تن -
ڪٿي ڏڪيڙا - ڪري سنهنجا
٣- قدم ڌر ڪين ۽ پاڻجي ٻي -
ڪڍهن ڪنهن پاپ ٻستيءَ ۾
نه موٽيا ماڳ سي پروس- غرق غوراب ٿيا تن جا

جن جا ساٿي سور

١- جن ساٿي ڪيڙا سور- ساري سڪ سان پانهنجا
٢- موروم پاڻجي تن ڪي - سڏ سالڪ مغرور
٣- مت مذهبن جي اڙيا - سي جاڻ ٻندا ٻي نور
٤- آهه اعليٰ هستي عاشقن سندي جلوو طور

١٠- ڪوڙ، سوز ۾ پائين پاڻ کي- ايشور جو آڀاري ٿو

١١- رهبر آنڌس راهه اهڙيءَ جهه-

ڪانهه ٻسي ڪابه لاچاري ٿو

١٢- تياڳي بغض، ناز، هٺ الهين -

نيڌهن ٻري هر ساري ٿو

١٣- ٻر آڌ ٻن، اَپراڌي ٻندو- معافي ٻڪاري ٿو

١٤- هردم هر حالت ۾ دم دم- شاهنشاهه سنڀاري ٿو

١٥- مشڪي محب دل جو دَر کولي-

ڏانهن، نوُري نوُر نهاري ٿو

١٦- ڪونڪو گيان سمجهي گرُوءَ ٻن -

ڪيا کوهيا ڪيا پايا

١٧- ڪڏهن ٻه ٻلجي ڪين انين ڇڏ -

جوُنو جڳه جوُني مايا

١٨- ٻروس آک انين نت- عاقل هر ليلا، مايا، ڇايا

ڏنگن چڙ يو سمع ساءُ - ته ٻيرن ٻند چڙي ڏنو

ڪمر ڪبڙي ڪمزوري- ڪين ٻوٻس کهڪاءُ

ڏڪندڙ هيٺا هٿڙا - لڪڻ ڪان ڪيباءِ

ڏند ڏيکارن اڪڙيون - تن شيشن گهٽيو شعاعُ

جاڻي هڪ شاهنشاهه -

ڪيڏن ڪڏهين ٻروس ٻت ٻوي

١- نڪو ڪنهن جو ڏوهه - نہ سائين، صلاحن جو
٢- ڪري ڪرائي پاپ پڄ - هر ڪنهن کي ممتا موهه
٣- اڀمائي، اگياني پيا - رڳو ڇنبن ڇوهه
٤- پر همت ٿس ڪل حاڪم جي- بندو ڪري ڪوهه
٥- ڪرمن لکيو لوهه - پيو ڀڙي پروس جيءَ جو

جڳ کي جوتو نہ ڇڏ

١- جڳ کي جوُتو مور نہ ڇڏ من -
ناهه جوُتي جڳ جي مايا
٢- خلقيو خلقٺهار آهه اُن کي -
سمجهه سندر ٿنهن ڇايا
٣- مورک مدمک جوُت چون ٿنهن- پر جوُتا ٿن رايا
٤- گمت گوبند جي ڪڏهن نہ سمجهن- واهن واق اڇايا
٥- پر، پروس موُر مَ راء انهيءَ جو-
پل پل يار پڪاري ٿو
٦- سالن ڪان مسڪين موچارو-
سنسار ۾ چپ چپ گهاري ٿو
٧- ساتي ٿنهن پرديسي پيارا- مورم ٿني وساري ٿو
٨- خوش آهن هن حال هيٺي پڙ-
ڪين ڪڏهن دل هاري ٿو
٩- ڪو ڪو پرديسي پڙ هن لڳ -
درد ڀري دل ڏاري ٿو

٣- محب سان محبت رکي- من ۾ مسافر پاڻ کي
تون سڏائي ٻي بقا، ڦل ٻي اٿا سو ٻاڻ کي
٤- فاني آهين، ٿيندين فنا- جانب نه اهڙو جوش ڪر
ٻ ڏينهن در درويش جو- پروس ذرا ڪجهه هوش ڪر

هر دربار

اهڙو آهه حساب - او ابا هر دربار جو
سب ۾ سمجهن هيڪڙو - پير، فقير نواب
پنڊت، مورک، آدمي -
ٻن پورهئي پون نه ٿاب
هئون همت وارا هئي - بيڪار ڪلهي بيتاب
جن پڙهيو پڳني ء باب- سي پروس کيپ ڪٺي ويا

هاٿيءَ ڪوليءَ منجهه سماءُ - ساڳي امر آتما
پر اهه پٽيءَ جيترو - فرق لڳي ۾ آهه
ڪدهن ويلي ڪوليءَ جي- هاٿي پي مت ناهه
کهي پولس جي ڪن ۾ - انهن اي سرت ٻڌاءِ
سا سوکيم ڪيس ساهه - پروس ترت پهاڙ جو

جني همت هونڊ- ٽڙي ڪڏي پنهنجي تن مان
جيءُ چون هر جيو کي - ٽوڙي ٻڌن ٻونڊ
سب سونهي مسڪين کي رهن گرمک ٻڌي گونڊ

١- جت ڪٿ سهڻل ٽون هين ٽون -
آهين صاف سمايل هر حالت ۾
سڪ سنيهه ۾ عدل عدالت، علم عقل ۽ لياقت ۾
٢- هندو مسلم سک عيسائي، پارسي ٻوڌي، ڀارت ۾
ڀڳتي ٻندگي، مندر مسجد،
ٽون آئين، سمايل وحدت ۾
٣- ڪاٿي وید پراڻ پڙهين ٽون -
ڪاٿي گرنٿ قرآن پڙهين
تنهنجي شڪتي، گيان پرائي ناج-
آهه هر هڪ شبد عبادت ۾
٤- مظلومن آڌار ٽون آهين - واهر پڻ ٻيواهن جي
ٻير امير ۽ پاپي ڌرمي- هڪ نظر مڙئي تو عدالت ۾
٥- سڀ ڏوهن معاف ڪرڻ ۽ ڏيڻ سزا،
هٿ وس تنهنجي
پاڻو چڻ پاند پڌاهه جو ٻروس -
نت ساهه کڻن سي سامت ۾

درويش

١- درس جو درويش آهي- سو سدا سرهو رهي
نا روئي اوُ رنج ۾ نا- اُهنج ۾ اُرهو رهي
٢- تار طمنا يار جي - هردم قالب قائم ڌري
حق حقيقي سچ سڄاڻي- پاڻ پلڪ به نه ٽڪي ٻري

مَن شِرڪان پاڻُ پري - جن شيوو ستگر ساڻ ڪي
مينئيا ڦهم وڪار ٽن - ستگر مهر ڪري
ڇوت ڏ ڪاري جيءَ اندر - انمول اڪٿ ڀري
لڌهن ٻروس آڌاري - ڀسيو دِرليپ ماڻڪ پاڻ ۾

معاف مدايون ڪج - ٻرڏيهيءَ ٻروس جون
نيڌهن وارين نظرون سان - ٻولڻ يار ٻڪج
ڪيٽن هڪت هلان هوڻن سان -
ڪل اوڻايون سون مڃڄه
صبح، ساجهر، سنجهه - نت الجهيل رهي عيبن ۾

دوا ڦڪيون دارُون - عاشقن آڙن ڪينڪي
نس، نهارن نينهن ۾ - آپ اکيان هاريون
ڙٽي لڌهائيءَ ۾ ٻرن - ٽو ٻاهون ڙاريون
راهن رلن اپاڻڪا - سار اهــا ساريون
ٻروس ٻرن پارُون - شل اچي نياهو نينهن جو

ڪو ٻه فرق ڪونه آهي

فرق نه عبادت - بندگيءَ ٻگتيءَ جاڻ ڪو
هر .عالم ڪي پنهنجي - وات وندر عادت
ڪو ٻوجي مندر دوارا - ماڻي روح راحت
ڪن پاٽو مسجد ۾ - ڪريءَ واحد جي وحدت
نه ٻلن مذهبن مئ - ٻروس ٽن پانڌيڙن ڪي

صاف رهن سنسار ۾ - مٺي سڪٽي لوڻ
ڪڏن سدا منجهه ڪوڙ - ٻروس ٻائي ٻاڻ ۾

سنڌي مارئي

١- ماروي مارويءَ پٽي چوڻ آدي -
ٻر ماروي ٿي ته ڏيکار
٢- هٿي جڙيل جنهنجي جيءَ ساڻ - سندي مارن سار
٣- اچي چمس اولي اڳيان - ايهي ملڪ ملير نهار
٤- ياد ڪري ڀور وچڙا وليون - رهي ٻانڌ ڻ بيقرار
٥- سينڌ سرمو ڪري ڪيڏڪي - وڙهي مومل رڪاوار
٦- ٻٽ پٽيهر ڳهه ڳنا - ۽ تازا طعام تيار
٧- وهه سمجهي وينگس مڙئي - رهي ٽنارن ڪان ڏار
٨- اچا اوڍي ڪين ڪري - مؤمل ميرن ٻيار
٩- سيري ڪٿل کهرو ڪٿو - ڍڪي سينڌ سباجهي نار
١٠- ڪچ ڪري چمي ٽنورڻون ٽڏا - روئي زارون زار
١١- ڪجهه ٻي اجهيس ڪينڪي - بنا سار سنگهار
١٢- جدا سانگيڙن ڪان - جيئڻ ٻائين ٿس بيڪار
١٣- ٻروس اهڙي ٻاز - ڪانئي عمر ٻيڪن ٻؤر ۾

ٽون ٻنهنجو فرض نڀاءِ - ڏس نه ڏاها ڏيهه ڪي
ٻرن سان ٻهچڻ جي - ڪا حاجت ٻيٽي ناهه
ڦاسي وڳر وروڻهن ۾ - نه ٻروس وٽل وڃاءِ
ڪا اهڙي ڪرت ڪماءِ - جا ساڻ هاڻي سنسار مان

٨- پيڻ نہ مذهب مشهور - ساڳيو رت روح سماء
٩- مرڻ بعد منزل لئي - پنهنجي پنهنجي جاء
١٠- ڪن پروس ساڙي باهہ - ڪي پور رکيا وچن پٽن ۾

مور ۾ سچڻ ستاء - مظلوم ڏکي - مسڪينن کي
جهت پٽ آنهون انهن جون - شاهنشاهہ اگهاء
سخت سزائون ڏئي لئي - پدا رب رکياءَ
اهڙن عجيبن سان - ناهي پهچڻ جاء
سو پروس لٽ پچناء - کوهي سنگ ساڻ جي

١- آهيان قاتل اؤکيءَ راهہ - متي پار متيءَ جي
٢- سهڻل لون سڏڙو سٽي - ڏيڻ ين پانڌ پناهہ
٣- پر اَڏ ين عيبدار پيو - پويان ڪٽي پساهہ
٤- شل پروس نڪري ساهہ - ساريندي سبحان کي
(اها دعا ڪندا)

مڙيئي ٻيڙيءَ پور

پروس ٻيڙيءَ پور - مسافر ؟ مانجهي مڙئي
لوڪن لڪ پوي ڪاڻڪا - نر سالڪ سگهي پروڙ
جن پاڙو پرلو ڪونڪو - سي پولتي رهيا ڏور
سنهنجو سفر ان جو ڪٿيو - جن وحدت دل دستور

وڻ ڀاڳي

سو وڻ ڀاڳي جاڻ- صدق صداقت جنهن من وسي
ستگر، ست سنگ ساٿ تنهن - سائي سڄڻ سڃاڻ
ڀيچي در درويش جي - نت ڪن روح رهاڻ
خوش ٿي موڻ محبتي - ڪٽي دعائون ساڻ
پنهنجو ٻڌجي ماڻ - پروس آنند اندر جو

درد بنا دلدار - نه سونهين سرتين وچ
ورلو ڪو ٿر وندري - اڇي اهڙي ٻار
تنهن سگهڙ سهاڳڻ ڪئيو - جنهن سيني ساجن سار
جنهن منهن موڙيو محب ڪان - سا ڏکي ڏهاڳڻ نار
ڀائي ڀلھ هار - پروس موٽي ٿوٽي

روڪ نه ڪنهنکي آهه

١- روڪ نه ڪنهنکي آهه - مندر يا مسجد وڃي
٢- گردواري، گرجا مڙهيءَ - جائي جيءُ لڳاءِ
٣- ساڳيو سرجڻهار وسي - خلقڻهار خداءِ
٤- هر بشر هر قوم جي- جائي، سڀي وحدت جاءِ
٥- رام جپي يا رحيم جپئي- بندگي، يڪمت ڪماءِ
٦- ڪوئي هريدوار ڪاشيءَ اچي -
ڪوئي مڪي ڏانهن ڪاهه
٨- جت جنهن جيءُ چاهي وڃي- روڪ نه ڪنهنکي آهه

سار سوئي سلطان - جو لهي سار سڀني جي
سيڻي گياني جڳت ۾ - جن تياڳيو مان اپمان
آنند ماڻن اندر جو - ڌري دلبر ڌيان
هڪ جهڙا هر دربار ۾ - نرڌن ۽ ڌنوان
ڀاءُ ٻروس اهڙو گيان - ڪري سنگ ساڌن جو

ڦرق الاهي ڦير - آهه "اوڏو" ۽ "آڏو" ۾
"اوڏو" ڏک سک ۾ اچي -
وهي سڀڪا سانجهه سوير
ساءُ ڪري سڪ سان پري - سڀ سان سهٽا پير
اُت آوارو "آڏو" اچي - ٿلهو وجهي ڏڦير
عادت کان مجبور ٿئهن - متي نه اهڙي هير
ليڇ لڳاهون جن جون - تن سمجهائي ڪير
ڀاءُ نه سمجهن ڀاڻ ڪي - سدا سڏائن سير
وهم، قلوفت، ويڙ - تن ٻروس ڀرپا من ڀانهنجي

قدرت جو عجب شان

١- عجب آهي شان قدرت جو -
ڪلائي ڪن، روئاري تو
محلن ۾ ٻي دکي آهه ڪو -
ڪلڻي ٻت خوش گذاري تو
٢- لڳي تو ڪو لٽيرو ٿي - غريبن بي سهارن کي
درد وارو ڪو، ڪو دلبر - يتيمن ڏيان ڏاري تو

سي ٻٽيان نوري نُور -
سهاري ونجهه مانجهيءَ جي
(ڀڳتي) (مالڪ پريو- ايشور ستگرو)

محبت يار جي مست ٻٽايو -
رهي ياد نه ڪا ٻي پر ستي
ڪوئي ڪيئن ڪوئي ڪيئن سمجهائي -
پر مٽي نه چڙهيل من مستي
دل ۾ ڏيرو يار ٻٽايو - آهه واهه وسيل دل بستي
جانب تان دل قربان ڪندي پڻ -
جاٽج بازي شستي
پروس چم نت قدر لئي جا -
جن ماري پنهنجي هستي

جني جهڪايو جيءُ - پهچي عاشق اڳيان
مور م پسن سي پرين - لاهيون لڪون - سيءُ
اورو اورن پاڻ سين - ويڙهي لوئي ليهه
لن سرت ڏيئي سالڪ چيو - اٿ جام الاهي پيءُ
نت گهارن ٻوئي نيڻ پئي - وساري هوءَ هيءَ
لون پڻ پنهنجو تيءُ - پروس من مستي ٻاري

٣- ڪي بدنصيب بدنام ٿيا - ٻڌجي ٻي پرواهه
٤- جن پاڻو راز راهه جو - نه اڙجي منجهه اوڙاهه
٥- ٻنا من ميلاپ جي - مور نه مٽي چاهه
٦- جن پروس سڪ ساچاهه - نت پرٿا رهن پرن سان

هردم هيئن ٿيندو آهي

١- ڪڏهن ڪڏي ماٺا گود -
ڪڏهن جواني ماڻي جوان ٿي
٢- ڪڏهن اچي گهر ساهري -
چڙهي گهوڙي ٻڌجي گهوٽ
٣- ڪڏهن پهچي مري مساڻ ۾- پائي جمجي چوٽ
٤- ڪڏهن عادل عدالت جو -
ڪري عيش اَڏائي ڪوٽ
٥- آندا ونا منزل آخري- پڏي ڪانئين سوڙهو ڪوٽ
٦- عادي عبادت جا پڙ پهتا قبر ڪاٽي موت
٧- نه اچي پروس ميرو پير- پاپي، جنهن من ڪوٽ
٨- ڪاڏي مڙلي موت- پرديسين پنهنجي ڏيهه ڏي

عاشق جا ڳوڙها

ڳڙن جي ڳوڙها - عاشقن جي اکڙين مان
مورک سمجهين ڪينڪي- ٻن گيان گونگا پوڙا
ورلي پروڙيا - پروس ڪنهن سالڪ سچي

٣- سلوڻا طام کو ڪالي - ٻيو ڪروٽ بستري بدلي
سداخت ڪانہ ٻئي ٿنهن ڪا، تہ -
ڪيئن مسڪين گهاري ٿو
٤- ڪوئي بدنام بستيءَ ۾ - ڪوئي مئخاني محفل ۾
ڪوئي شان ۽ شوڪت لئہ - ڏن بيڪار هاري ٿو
٥- ڪيڏا ڀڳتي عبادت ڪن - مندر ۽ مسجد ۾
ڪوئي پنهنجيءَ ڪٽيا چپ چپ -
نت سهڻل کي ساري ٿو
٦- عجب افسانا ساڌو، سنت - عاشقن ۽ درويشن جا
آهن پرُوس اڄ امر ٿيا - جني کي جڳ سنڀاري ٿو

جن تياڳي شرڌا چاهہ - من ٻري نفرت ۽ نندا
وانجهيا رهن ورُونهن ڪان - ٻن هرجن همراهہ
مٺهن موڙي سنگر، ساڻ ڪان -
اڙجن منجهہ اوڙاهہ
نہ ماڻن من مشاهدو - اي نور ڏٺيا ئي واهہ
ڪوهي عيشن الجهي - رحمت ٻري راهہ
سي بدا پاند پناهہ - ڪيئن پرُوس ڏٺجن پانهنجا !!

پريت جي راهہ

١- اوکي اٻتي راهہ - عاشق ۽ الفت جي
٢- ڪي منڍ ۾ ڪٽجي موئيا -
ڪري ڪوڙو ڏيک اٿاهہ

آتم جوت

آتم جوت ٻري - اکنڊ امر چيتن جيوَ ۾ -
وڻ ڀاڳي درشن ڪري - نيڻن نيهن ڀري
شرڌا، ڀڳتي جنهن من وسي -
اُن اِن لڌهن ڪانهه سري
ڪانيا وڪار تن جا - ستگر مهر ڪري
وهو ڀروس تار تري - ڀوَ ساگر، ڀڳتي ناوَ لي

دکهه ڏيندڙ پنج ساٿي

عجب پنج ساٿي - آٺي اُڙائن اوڙاهه ۾
ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه - اهنڪار اندر ڦاسي
ٻاڙو ٻولن سڀن سان - دُر ڀاڳي دُرواسي
موڙڪ نر، نرواسي - رهن اُلجهيل هر حالت ۾

سکهه ڏيندڙ پنج سهڻا ساٿي

ڀر هي پنج من پانهنجي - ته سڌهين ابناسي
ڌيرج، دَيا، ڀڳتي، ڌرم - شيوا، ابلاشي
ماڻن رچي روح جي - ڪٽي ڪرم ڦاسي
ڀروس سي پياسي- چاهه، چنتا ميٽي صاف ٿيا

وَلها سدائين وهو ۔ وحدت سنديءَ وات ۾
سختيون، سوُر، صبر سان- شڪر ڪري سهڻل سهه

١- سهڻي کان اڳ ۾ سار - سهڻل سرجڻهار کي
٢- سهڻيان جي سار بنا - ٿئي ڪاڏي هار
٣- هڪ ڏينهن اچانڪ اچڻي - آهه انوکي نند ناز
٤- مور م سمجهن سي ٻارين - اهنڪار جني آڌار
٥- منزل محفل عاشقي - نہ ماڻن گنهگار
٦- ٻڌي عهد اقرار - پرووس هلن پاڻهجي

انساني زندگي

١- جنم پائي سنسار - آئين بندا ٻن پيرن سان
٢- ٻرڻجي پائي ونـي - پير ٿيا ٻـو چار
٣- گهليئي اٿ جيان وجهي - نڪ ۾ نار مهار
٤- سٽت جـاڻو پنڙو - ٿيئہ ڇهن پيرن آڌار
٥- مٺو مارين مڪ جيان - ڪٽين پيو ڪاپار
٦- آنده وري نمهن نديڙي - سندر گهر سينگار
٧- ڪل ڪيئہ ملائي پير اٿ - ڪور ٻڙڙي جيان ڪرتار
٨- ڦاسي رهئين ڦتڪندو - منجهہ پنهنجي اُٽيل جار
٩- ايڏن عذابن ۾ ٻہ ٿو - نہ سار ٻئہ سڀ جڻهار
١٠- بس پرووس اهڙي پار - انت آندي ٿو پاڻهجي

نهائين ۾ کي هردم ناز - آهہ پرووس پنهنجي نينهن ٿي
ٻاهر ٻاقي ڪينڪي - اندر آڳ دراز
هن عاشقاڻي آتش جو - ڪنهن ورلي پاتو راز
جن ساٿي سڪ، سوز، نياز - سي وڃن وحدت وات ۾

۴- ڪين ٻڇي ڪو هِن ڪان - پير، فقير، سلطان
۵- جتان آيا جائيون ڇڏي - وريا واپس ان اِسمان
۶- واڇي لڳ ڪرمن وهيون - ڪيو جوڻ سندو فرمان
۷- ڪري پاس اهو امتحان -
ڪو مشڪل ڀروس مڪت ٿيو

سوپارو اڱڻ

۱- سو اڱڻ سوپارو - جت آدر، اڄ وچ ساڌ جي
۲- ڪٽنمب اهڙي اڱڻ جو - نت نرمل نيڻهن وارو
۳- هر ڀڳتيءَ گهر هاج ۾ - تن انگهي ڏينهن سارو
۴- پر رهي ستگر مهر سان - تن پريمن پنڌارو
۵- ڪائي خوش ٿي نڪري - نت اٿي وڄارو
۶- ٻن وڪار جڳه ۾ ڪٿي - جيون تن نيارو
۷- ساڌ سيوا سمسنگ سدا - سمجهن سهارو
۸- واهي ڦڳر ڀڳتي ناو ۾ - ٽريو ڀوساگر سارو
۹- پالو مڪتي - ڪائي ڀروس ڪرمن جون ڪڙيون

وحدت قرب ڪٽا - سڪ وارن لوچي لڌا
ورلي ڪنهن ورٿي مليا - ٿورا ڪني گهٽا
چمڪي هر جي چاهه جي - تن مستڪ مڌجهه مٽيان
وڏ ڀاڳڻ سا مائڙي - جن اهڙا جڻيو جٽيان
ڪي ڀروس ڳاڻ ڳٽيان - ساڪ اهڙا سنسار ۾

عادل سان عدالت ۾ - ناهي ٻيڻ پهه
ٻوءِ پروس راضي رهه - سدا رهبر رازي

هيڏو ٽيڙو حال - ٻيري ۾ پروس جو
جوت گهٽي اکڙين سنديءَ - نه ٻڌي سگهن ڪن ڳالهه
ڪمر ٻه ڪٻڙي ٿي چڪي - ٻير نه چلن چال
مڙني اڱاسن انگن ملي - ڪيڙو جيڻ جنجال
نڪمون قتل قل جيان - ٻيل گهر ۾ پائمال
پروس ڏٺن ڏهال - شل ڪاٽي ڪرمن جون ڪڙيون

نڪي ڏونگر ڏور - نه ڏي ڪا تسيا تن کي
نيڻ نمائي نوڙڪلو - گهر ويهي سمرڻي سور
ميٽي مذهب مت متيون -
هڪ جانب سان جيءُ جوڙ
ڪيڏيون ڪوهيڙ قرب ٻن - ٻوڙل رانيون ٻور
مور نه ملي تن کي - جني سيني سوڙهه
نت نگري نند اگهور - ٻيٺي پروس تو ٻيڇو ڪري

آخري منزل

١- ڪي پهتا قبرستان - ڪي خاڪ ٿيا جلي مساڻ ۾
٢- ڪن ڇت تي ڪاڻن پڪيڙا، ٻار، ٻڌي، ڏنوان
٣- ساڌ، سنياسي انت ۾ - پائن جل سماڌي مان

غم ڪا ڪر نه غرور - رک جهڪيل سدا جي ۽ پانهنجو
بڌا قرب، مندر توڙي - مسجد ملي نه مور
ڀيٽي عاشق اڳيان - سک وحدت جو دستور
دلبر لئه دل ۾ جني - درد ڀريو ڀرپور
ملڻ لئه محبوب کي - ڪيڙا ساٿي سور
پروس نوري نور - هوء سي پسن پاڻ ۾

ڪرم

١- ساڌو سنياسي - ڪين اڳهامن ڪرم بنا
٢- عاقل عادل هير پڙ - محلاتن واسي
٣- پيٽن مندر مسجدون - تيرت هج ڪاشي
٤- جڏهن اچي مت اندر جي - پوء جاڳي جگياسي
٥- پائي انهد جام سو - نوري نرواسي
٦- سواس سواس سڦلو ڪيو - ساڌ نا سان سواسي
٧- ڪرتار ڪٽي تيرت تن جي - ڪرم سندي ڦاسي
٨- سرها رهن سنسار ۾ - ميٽي من جي اُداسي
٩- الک ابناسي - پروس پائي پاڻ ۾

پرڏيهي ويچارا

١- پرڏيهي ويچارا - وريا پنهنجي ڏيهه ڏي
٢- اُوجهڙ اَڪيلا ويا - ڇڏي پنهنجا پيارا
٣- ساري اسباب ڪرمن سندا - ويا ساڻ کڻي سارا
٤- وريا اهڙي واٽ تان - جي اچي نه ڏال ڇارا

مانجهي جاڻن منجهه - پنڌ ۾ پيڙيءَ ٻُوڙ جـو

(ستگر) (منزل)

سوئي هاڪاري ستگرو- همت ڪري واهر ونجهه

چڙهن وڻجارا وڻج پري- ڪرمن جو پيڙيءَ منجهه

هلندي رهي هر حال ۾ - هردم صبح سنجهه

طوفان توڙي برساتيون - آنڌيون ڪن نه اهنج

ڪاٽي سفر سهنج - پروس مڙئي پار پيا

واحد وحدت ۾ خودي - نه سيني ڌڪ سماءِ

پيرُ نه اڳي پاءِ - جت پروس ياد نه يار جي

صدق صداقت الفت جنهن دل -

سا دل هردم سائي - قسم خدائي

پروس پائي پرين پاڻ ۾ -

ڪن روح رهاڻ سدائي - قسم خدائي

١- تن جا پلا پاڳ - جي محڪم پڪتي راهه ۾

٢- ڪي آيا ڪيڏا اڇڻا - ڪي اچي موٽيا ماڳ

٣- مُور نه منجهن سي پرين - جن واحد همت واڳ

٤- سهاري ست سنگ جي تيو - تن جو اعليٰ تاب

٥- پهتا سي پروس چوي- ساڻ کڻي سفر اسباب

٦- سيئي مورک تيا ڪلڪ هاب - بنا سار سبحان جي

چپ چپ سهٽل سار - ظاهر نه ڪر زبان سان
گهاٽ گهٽيون گهم ڪهڪي - گهر انهنجي ۾ گهار
سي جيڏري مٿل جهان ۾ - جن جو جانب يار
جن ڏني پٺ ٻڙن کي - سي ڪيئن ڪن ديدار
ٻروس ڀالي سوپ تن - جن ساٿي سرجڻهار
نڙي منجهه نهار نه پسين ٻوڙل پاڻ ۾

ڪي ڪوڻن پڪتي بندگي - ڪي وحدت عبادت
ڪن پنڌ پنڌڙو مندر مڙهيءَ ڏي -
ڪن مسجد لئه محبت
جن طمعائون ترڪ ڪيون - بغض ۽ بغاوت
صاف ڪري سيدو ڀري - اُت سهٽل صداقت
سي مور نه موٽن پوئتي - جي عادي هن عادت
پائن رحمت ۽ راحت - نت ٻروس سي پانڌيڙا

١- او ابا اوري آءُ نه ڳالهه ٻڌايائن ڳجهه جي
٢- ڪڍي غيرت قلب مان - اُت صافي سچ سماءُ
٣- محب الاهين دائمي - محبت مچ مچاءُ
٤- عاشق اهڙيءَ ۾ آگ ۾ - پوپٽ جيان پاڻ پچاءُ
٥- لاهي لوڪ نقاب لڄ - نينهن ٻري جسم نچاءُ
٦- اهڙي رنگ روح رچاءُ - ته ٻروس سڏبين پانهنجو

٥- اُت ڦٽي عدالت ۾ رهيا سر جهڪائي سارا
٦- فتوائون ٻڌندا رهيا - ڏين حاڪم هاڪارا
٧- چٽڪ نه ڪا ٻولي سگهن - اُت شاهي ڏوهارا
٨- ڀائي پروس اشارا - موٽيا ماڻ جوڙ ڪرمن سندي

عادل - عدل - عدالت

١- عدل ڪري هر ٻار - عادل عدالت ۾
٢- ٻڌي گهڻو ٻن ڪنن سان - دائيءَ مدعيءَ گفتار
٣- ورجهائي ٽورو هڪ وات مان - ڪري سوچ ويچار
٤- نياءُ ڪري ٻن رياءَ جي - ڀائي عقل آڌار
٥- هر جو هر حالت ۾ - ساٿ ڀائي سردار
٦- نياءِ سنگهاسن تي نياءِ ٻڌا -
ڪانه سوچي ڪا ٻي ڪار
٨- رک ٻؤ ڀڳوان جو - اُهه عاقل ڪري آچار
٨- پروس اهڙي ڀار - ڀيو فرض نباهي ڀانهنجو

ٻيهودي ٻڪ ٻڪ - ڪر نه عجيبن اڳيان
چڙيو ڪوئيندءِ چڱا - جاڻج اهڙي ڀڪ
نه موڙها ڦهڙن ماڳ تي - ٻڌا ساڙ ۽ سڪ
ٽدي ڀاٽو ڪينڪي - جن جهاڳيا اُفق شفق
ڀر ٻروس سالڪ - ويا ڪٽي سوڌي ڳجهه ڳوهه ۾

ساڌو سنت، سنگر ۽ گيانوان مهان پُرش لوڪ ۽ مندرن
۾ اِشٽ ديو جو درشن ڪرائن، ان وقت پڻ جا آلمڪ
شانتي لنهنجيءَ دل کي سڪُون ٿو ملي، سائي سچي
راحت آهي- هاڻي ڏس، لنهنجو مک (واٽ)- جنهن
مهل تون هڪ منو ٿي هري ڀڄن ٿو ڳائين، نام جو
سمرڻ ٿو ڪرين، يا ڪنهن مسڪين، دين، اناٿ،
اپوجهه، الٿيءَ ۽ بيمار سان، قرب ڀريا مٺا ٻول ٻولي
کين دلداري ٿو ڏين، اهڙو ورتاءُ توکي اونچي راحت
ٿو بخشي- سائيءَ ريت ڏس، جڏهن لنهنجا هٿ
جڏهن ڪنهن دين، مسڪين، اناٿ، فقير، درويش
ساڌو سنت جي شيوا گڏ ڀتا شڪت دان ٿو ڏين يا
سهائتا ٿو ڪرين، جي به موت ۾ اهڙن شخص ڪرمن
لاءِ، تو لاءِ دعا جا ٻول لڳائي ٿا ڇڏن، جا پڻ توکي
بي پناهه راحت ٿي بخشي- ادل هاڻ اچ پنهنجن پيرن
تي، جن تي مٿين سڀني انگن جو مدار آهي، جيئن
توکي وٽي هلي انهن مٿين هستين سان ملائي راحت
ٿا ڏيارن، تن کي ٿي راحت جي جز سمجهڻ گهرجي.
ليڪن ادل ساڳئي وقت اهو به نه وساريندا- جيڪو
سچڻ انهن ٿي انگ جو در اپيوگ ٿو ڪري نه اٽي
دک پائي نرڪ جو اڌڪاري ٿو بڻجي.

— ٻروس

مها منتر سک سواسي- هري اوم تت ست سندو
جني هنڊايو جيءَ ۾ - الک ابناسي
سدا ڌيائن ڌلين ۾ - سنساري، سنياسي
مکتي ماڻي جو جپي - لوري نرواسي
نيمي ٻياسي - نت پروس سانئين ۽ ساهه سيوڙ

دل جي سچي راحت

او ادا انسان، تون ڪڏهن ٻهاڙن تي، ڪڏهن ٻيڙن ٽڙن تي - ڪڏهن جهنگلن ۽ غفائن ۾ ٽڪليفون، ٽسپا ۽ خرچ ٿو ڪرين، پنهنجيءَ دل کي راحت ڏيڻ جي خيال کان - پر مثل، اها رحمت ڀري راحت ته سهڄ ٽنهنجي شرير جي انگ ۾ سمائي پڏي آهي - رڳو انکي ٽٽولي ڏس - جڏهن تون پنهنجو مستڪ ماتا پتا، ساڌو سنت، ستگر يا گياني بزرگ جي پوتر قدمن ۾ شرڌا سان جهڪائي ٿو، تڏهين موت ۾ انهن جي مک مان ٿو لاءِ انمول آسيس ٿي نڪري جا ٽنهنجيءَ دل کي راحت ٿي بخشي - اچ وري ڪئن لي - جي گردواري - ست سنگ، ڪٿا ڪيرتن، ساڌو سنت جا انمول سکيا لائق وچن ٻڌڻ سان، ۽ ڪڏهن گائڪ يا گائڪا جي مڌر سر ۾ رچنائون ٻڌڻ سان، ٽنهنجيءَ دل کي آنند ٿو اچي ۽ تون جهومي رهيو آهين- جا ۾ هڪ عجيب راحت جو روپ آهي - ڏس ٽنهنجا انمول نيتر (اکيون) جي ٻه ٽوکي ڪڏهن درويش،

اڄ جي زماني ۾

جني نہ تنهنجي سار - تون ٻي سار نہ تن کي
ٻي دردين لئہ دل ۾ - درد نہ ڪر تون ڏار
بيوفا ٻندن سندي - آهہ اهائي ڪار
محبت نہ ڄاڻيج مور هين - اُن ۾ پنهنجي هار
نہ ڀروس ڪر تن پيار -
جن ڪانئيون ڪڙيون قرب جون

انسان

نرگڻ در ٻل دين دکي - آءَ ابوجهہ آهيان
چڱي در درويش جو - ڪٿي ٻيو ڪاهيان
اڄهو نڪو ٿم آسرو - ٻيو ٻڌري پٽ گهاريان
ٻنا نينهن نبيڻن مان - آب اجهل هاريان
منٽيءَ پنوڙي پاڻ کي - ٻيو ٻل ٻل سينگاريان
ٻر ڀروس نا ساريان - وحدت، وندر، ويڙڙي

شاهي گنهگار

شاهي گنهگار - نت لڪل گهارن گهرن ۾
ڪو عاشق ڪوٺي انهن کي - ڪي فقير تن ٻار
رهن رهٽيءَ ٻانهنجيءَ - گنهنجي ڪن نہ ٻچار
نت سبڌي رهين سار - ڀروس ٻنهنجي ٻرن جي

هڪ حقيقت

۱- دل ڏکڻ بيدرد کي - بلڪل ٺندا بيڪار آهه
ڪوٺ ان ڪنهن وٽ وڃڻ ائڻ- اي ادا بيڪار آهه
۲- الفت، آدر ۽ وفائي- ناهه پريل جنهن قلب ۾
تنهن ٻڌائڻ يار پڻ - سهڻل سدا بيڪار آهه
۳- آهه امير پر دل ننڍي نہ ملي جهلي مسڪين سان
رازي دل ان جي اڳيان- ظاهر ڪرڻ بيڪار آهه
۴- سڏ نہ ڏئي سڏ ۾ بدو -
ساٿي نہ ٿئي ڏک ۽ سوز ۾
جاڻ ان انسان جو - جڳ ۾ جيئڻ بيڪار آهه
۵- ساڻ نا بن ساڻ ٻڌجي - ٺلڪ سان ٿن کي سڄي
اهڙي اڪيانيءَ اڳيان- سڄدو ڪرڻ بيڪار آهه
۶- عالم علم وارو. اگر الجهيل رهي اهنڪار ۾
تنهن سڏڻ سرمور ساهتڪار، حد بيڪار آهه
۷- (پر) جو سڄڻ خود تو وٽ کهي -
اچي ساٿ ڏئي هر حال ۾
پيار جو پتلو سو پروس- نا ڪڏهن بيڪار آهه

سور ڳهہ سمايل آهه - عاشقن جي اڱڻ ۾
دعا درويشن جي وڃي - کهي پروس پاه
اگهامڻي نہ لڙ ڪهيڪڙو- نہ تہ پيو اڪيان نار وهاءِ
ڪا اهڙي ڪرت ڪماءِ - جا پوي قبول پرن کي

اهڙي نيتيءَ سان ڏک سک پيو سهي هر ڪو سدا
غم خوشي ان ۾ سمايل ڄاڻ تون عاقل ادا
٥- برهمڻ، ٽلڪ اُپٿو ڪٽي ڀيڄي جڏهن يڄمان گهر
سوارٿ شراڌ، شادي چٽي نت رهي امير غريب در
ڪنهن وٽان پاٽي پري ۽ ڪنهن هنڌان مٺ پر ادا
ڄاڻ هن حالت ۾ اُن لئه - هڪ خوشي ۽ بيو غم ادا
٦- ان طرح هر بشر پيو پروس گذاري زندگي
ڪو ڪري ڪوڙا ڪرم ۽ ڪو ڪري نت بندگي
ڄاڻ اها هڪ جي خوشي ۽ غم ٻئي جو اي ادا
نيتي اهـا جاري آيامن، اڄ ٻه رهندي سدا

ساڌو جن سبحان - سالڪن جي سعاٻي ۾
لني جيءَ جهان جي- پوءِ ڪاڻ رهي ڪل ڪانه
اُلفت عبادت جا پڙهي ڪل پاس ڪيا امتحان
پروس اهي انسان - انت ماڻن مـن مشاهدو

هڪ انوکو گيان

شڪتيوان پرڀوءَ، آد ڪان ئي پنهنجا عيوضي مقرر ڪري رکيا آهن جي نيم انوسار پنهنجو فرض پاليندا آيا آهن ۽ انت تائين پاليندا رهندا. سرشٽي ٻـر ۾ منشيه شرير روپـي سلطنت لاءِ، مـن روپي عيوضي (حاڪم) مقرر ڪيل آهي ۽ شرير جا انگم

غم خوشي

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلا

غم خوشي آهن پريل هر دنياداريءَ ۾ ادا
هر بشر ٻالڪ ٻيو آهه مبتلا انَ ۾ سدا

۱- ڏس ڪٿي ڪوئي شاهه واپاري وڏو وڻجارو آهه
هڻ هڻ ڪندي ڏينهن ٿو گذاري
پيٽ ڪڄ پائي نه پاءِ
ڪڏهن سؤدي مان ڪڄ ڪمائي
ڪڏهن ۾ ڪڄ کوهي ادا
ڌيان ڪر غم ۽ خوشي هٿ پئي سمايل آهه ادا

۲- اچي وري ديول مندر- مسجد گردواري ۾ ته ڏس
دان ڪن داني الاهي- مشڪندي ڀري من هرس
آش ڪن ڪن جي پڄي، ٿئي ڪانه پوري ڪن ادا
غم خوشيءَ جو واس لهڻ - جاڳج اٿي هردم ادا

۳- آهه علحدو شان وڪيلن ۽ ججن جو ڪورٽ ۾
پيڙ نت دائيءَ موٽيءَ، ڪوڙن سچن جي ڪورٽ ۾
ڪي ڪٿي کلندا رهن، ڪي روئن هارائي ادا
غم خوشي پهچن اتي - حالت پٽاندر اي ادا

۴- ڪي ڇپن رام دان ڪن ڏئي ڏکاري ڏيهه ڪي
ڪي پليل جهر جهنگ جهاڳن -
ڪشٽ ڏئي ڏيهه ڪي

اسين درد وارا درد ۾ گذاريو
وسارڻ بيدردي - ٻين کي ساريون
اچي ڪوٺ واهه واهه - ويندي ٿي واجهايون
ٻنهنجيءَ پُر ۾ پروس سدا شاد آهيون

پروس ليسين روءُ - جيسين آب اکين ۾
لڙڪن جي لهرن سان - عيب الاهي ڌوءُ
ويل وڃائي هٿن مان - ڪوڙا ڪندين ڪوهه
جيسند ساهه سرير ۾ - رهه سارئند سوءِ
اکيو ڪرمن لوهه - پڙي هر حالت ۾

سڪ درد ديا ۽ ساءُ - سمائل جڏهن سينيءَ ۾
پروس جاڳج سي پرين - مسڪينن جا يار
نه ڏسن عيب اوڳڻيون - ڪنهنجو سي قربدار
سدا باغ بهار - رهن ٻنهنجيءَ پُر ۾

١- مورک من ڏس- ڪنهنجي تن ۾ ڇا ڇا آهه سمايو
٢- هڏ، رت روڳ، ۽ ماس ٿي
سندر ٿيهه چمڙي قدرت چاڙهيو
٣- سهڻا وستر زيور پائي- تو تنهن تن کي خوب سجايو
٤- پاپي ٽڻجي کوٽ ڪرمن ۾ تو پاڻ لڪايو

(عضوا) سڀ سندس رعيت (پرجا) سمان آهن، جي راس ڏينهن، مـن روحي حاڪم جي حڪم جـي پيروي ڪندا ٿا رهن.

جو بہ انگ روحي ڪرمچاري، اگر ڪنهن بہ قسم جي حڪم جي (انحرافي) پيروي ڪرڻ کان آناڪاني ٿو ڪري، تہ مَن روحي حاڪم، ان انگ روحي ڪرمچاريءَ کي ٺيڪ ٿو ڪري، جيئن اهو انگ روحي ڪرمچاري، وري بہ پنهنجي فرض پالڻ ۾ لڳي ٿو وڃي. اهو رشتو ۽ نيم سرشٽي پر ۾، جمڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين باقاعدي، حفاظت سان هلندو آيو آهي ۽ هلندو ٿي رهندو.

(پائي جنم جڳت ۾ - تو ڪرم بہ آندا ساڻ
دک سک ان حساب سان - پائين تو پڪ جاڻ
پورا ٿيا پل ساهہ جا - جڏهن وٺي ڪل ڇڪتاڻ
ڪري ڪرم قـل ساڻ - پروس موٽين پوئتي)

جني وهائي رات ساريندي سڄڻان کي
هنيون ڏيئي حبيب کي تون علحدي لات
نہ رکن سانگ سرير جو - نہ ئي ڪا طلب ذات
رهي اهڙن ڪاڻ - نت صدق صداقت سانئي
تن واهـون پيون واهيات - بنا حقائت حق هي

۱۱- ڇوٽون ٻيل وڇوڙي ورهين کان- ڪويتا اُن آڌار
۱۲- سهاري سائين جي - ٻيو ڳهاري گهر ٻيڪار
۱۳- رازي رڙا ٿي رهن - جا جوڙي ڪرتار
۱۴- ملڻ مشڪل پر خطن ۾ - پيا اورڻ اورن يار
۱۵- آهه تني کي آسرو - شل نُوڙي نرهنڪار
۱۶- ملائي هڪوار - پروس وڇڙيل وڳر کي

۱- ساهتيڪار اديب لکميچند روپچنداڻي دهلي (سرڳواسي)
۲- قائديدان عاقل ۽ اديب ديوان موتيلعل ايل- ٻناڻي (رٽائرڊ سيشن جج) آمريڪا
۳- عام جي خدمت ڪندڙ ڊاڪٽر چرنداس گرسهاڻي بمبئي
۴- پنجن سالن کان پوءِ بستري داخل - فتحچند شرما ”پروس“ شاعر ۽ اديب - ڪلڪتو

ڇڏ مان مان

تون تون ڇڏي سڄڻ سار- مان مان ميٽي من مان
بغض پرهل دل صاف ڪر - اُلفت اُت وهار
غيرت، غرور، غفلت ڇڏي - گولن جيان گذار
پسڻ ڪاڻ پرن کي - اندرين اکڙين نهار
سوز سناخت سڪ سڄڻ - هردم هردي ڌار
پروس اهڙي پار - ماڻج راحت رُوح جي

٥- اهڙي ڪمايل ڪوڙي ڪچ تي -
آهه ڀانور ڪرڻ اجايو
٦- وڏ ڀاڳي انسان اهو جنهن ساڌ سنت سنگ اپنايو
٧- ستگر گيان ڏنئي، تنهن مورک- موهه اگيان مٽايو
٨- تياڳي سک سنسار جا جوڙا -
نام سان نينهن لڳايو
٩- نرمل ٿي تس چنت رهي -
سرتيءَ سان سواس ملايو
١٠- پروس پوءِ ان پانڌ ٻڙي جو -
جاڻ مانش جنم سجايو

چئن يارن جو مختصر بيان

١- وڻ وڻ جون ڪاٺيون چار- سڄڻ هن سنسار ۾
٢- ٻيا ملڻ، ڏسڻ جي ٻٽيان- هڪ ٻئي جا سهڻا يار
٣- ڪو عملدار، ڊاڪٽر ڪوي- ڪو سهڻو ساهتڪار
٤- ساٿي هن سنگم جا - پائن سڀ جو پيار
٥- هڪ ساهتڪار سڏڙو ٻڌي -
وڃي پهتو سچ کنڊ دوار
٦- ڪيڏا ڪتاب ويو لکي - ڪري قائم يادگار
٧- ٻئي عاقل وسائي آمريڪا - ستن سمنڊن پار
٨- قاعدي دان اديب سو - نبر هووَ ٺهار
٩- ٽيون خدمت ڪري عام جي- ڊاڪٽر خدمتگار
١٠- نهٺو نماڻو سڄڻ سو - دربلن جو دلدار

جيون جو آڌار آهه اکنڊ امر جوت آتما
جڳي اننت اندر ۾ - سڀني جي روپ ساڪار
ويد مني پڙهو يا ڪري - تنهن مهما اپرم اپار
ساڌو، سنت سڀني تنهين - گيان سارو ڀنڊار
آنند ماڻن اندر جو - پاڻي ساڃي نرمل ڌار
ڀروس اُن آڌار - پيو چري چرخو جڳت جو

ڪاهه مسافر ڪاهه - جاڻ وهڻ ويري وات ۾
هلندو رهه دڳ ۾ هيڪلو - نه ويهي ويل وڃاءِ
ڀروس هردم پاڻ ۾ - سڪ ۽ سوز سماءِ
پاليندين راحت رُوح جي - جنهنجو جوڙ نه آهه
جهلي هٿ هاديءَ جو - قربڻون قدر وڌاءِ
سولي سائي هيڪڙو - منزل مقصد پڄاءِ
ڀڄي ڀرن اڳيان، جهڪي - نيڻئون نير وهاءِ
ٻڌي هٿ ٻانهون ٻئي - عيب ٻڌاوُن بخشاءِ
ٻر معافي پاءِ نه پاءِ - آهه اختيار ڪل عادل کي

ساڌو، سنت ۽ سانت

١- ساڌو سنت فقير ۽ عاشق - مسجد، مندر پوڄاري
٢- رٽن رام رحيم نت من ۾ - رکي سانت سان ياري
٣- هر ٻندي سان ٻولن ٻولي - سوز، ادب، سڪ وارِي
٤- هندو مسلم سک عيسائي - پاڙ ٻيدو نر ناري

ٻيو ڪو ٻهه ڀڄاءُ

١- ٻيو ڪو ٻهه ڀڄاءُ - ڇڏ خودي خوام خيال ڳي
٢- مڃ هدايت هاديءَ سندي - پنهنجي هڏ نه هلاءِ
٣- ڏيارڻي جو ڏيهه ڏٺي - خوش ٿـي ٻلهه ٻاءِ
٤- قدرت جي قانون جو - عدل علحدو آهه
٥- سمجهي ان کي سالڪن - آهه ڏني پنهنجي راءِ
٦- ٻرن ساڻ ٻڇڻ جي - او ابا پيٽي ناهه
٧- جيسين جرئت جان ۾ - ٻيو ڦر ٻڌون ٽيسين ڪاهه
٨- ٻروس اهڙي آهه - ريت حقيقي راهه جي

آهن منهنجا حال - ساريل نمت سهڻل ڪي
هوندي هڏ تي هيڪلو - ٻيو سارين دين ديال
ٽنها پنهنجا ڀاڻ سان - ٻيو اوريان اندر ماٺ حال
هاڻي ڀروس ڪي ڪر ڀانهنجو ٽون -
سنت نوري نهال
ٻيو ڀايان جيئڻ مهال - ٻر آڏين ٻرديس ۾

قرب وارن کان وڃي ونب - درد الفت جي دوا
بيدرد سان دل لڳائڻ - درد وارن نـاهه روا
عاشقن جو شان هردم - آهه ٽڙڦڻ عشق ۾
جاڻ ڀروس مرض هيءُ - آهي اصل کان لا دوا

جوڙو جڳ ۾ ڇا مان ڇا ٿون -
ڏاڍڻا دل ۾ سا ڌار ادا

۳- شانتيءَ سان چپ چاپ وهي ٻڌ
وچن ساڻ ڇا ست سنگ ۾ شڌ
ڪر سيساري ڪار ڀلي ٻر -
ڪين لپاڳي هيءَ ڪار ادا

۴- ويساهه ڌري من ۾ وڏهارا -
اوت الک جي ٻڪڙج ٻيارا
لپاڳي جوتا جڳت پسارا -
هر مورت من ۾ وهار ادا

۵- ٻروس ٻهچ ٿون ته امت ڪاهي -
ساڌ سنگت - ست سنگ جت آهي
انمول اوسر اهڙو ٻيو ناهي- مور نه اُن کي ٽار ادا

هر سمرڻ نه وسار ادا

هيٺيون حالتون انسان کي راحت بخشينديون آهن- ستي صحت. سلڪشڻي استري - سچا سنتان - گهرو ايڪتا - شب ڪرم، (جنهنم ايمانداري ، ديا ، ڌرم ، ڌيرج ۽ معاف ڪرڻ ته اچي ٿا وڃن) ۽ ٻهار جي موسوم (رت).

هيٺيون حالتون دکدائڪ آهن ۽ جيون گهٽائينديون آهن -

٥- کھي اچڻ جي ٽن جي درڙي- اوچ نيچ ھڪواري
٦- ھر ڪنھنکي ھڪ جھڙو نظري- ٻڌليون ڏين دلداري
٧- رھن سدائين راھ، سچيءَ ٽي- گھر پنھنجي ۾ گھاري
٨- نہ ڪين ٻکون ٽڪي جھر جھنگ جھاڳن -
ڪولي ڪڙڪي من واڙي
٩- نينھن پري نبھڻ ۾ سي اُت - مورت پسن موچاري
١٠- ٻروس پڻ تون پوُج ٽنھن ٻر اٿم- اٺجي پاڪ پوجاري
١١- سٽ سنگ، پڳتيءَ نام ڪري ھٿ -
چڙھ ساري ٿمر وياري
١٢- سؤنھي چنڊ سامان سچي اُت - ستگر ملاح آڌاري
١٣- الم پرش سو آرام سان ٽوڪي- پار ڪندو ڪرپاڌاري
١٤- ڪات وڪار ڪري شڌ من اُت -
جوت جڳاءِ گيان واري
١٥- پسنديں پوءِ ان اوجل من ۾- مورت ھڪ ھٽڪاري
١٦- اھڙي انمول ساڌ ٽسان ٻروس وار وار ٻلھاري

١- چپ، مانت، سانت ۽ صبر کي سياڻا -
ساڳي نظر نھار ادا
ماڻن سي نت اندر جو آنند -
جن سمجھيو ھن جو سار ادا
٢- ڪن نہ ڪڏھن سي بيڪاري ٻاليون -
ٽون سدا سنتوشي لاليون

٥- گهٽ سمجهڻ ڪڏهن جيوَ کي -
آهه قدرت جو ايمان
٦- جن پروس ڌرڻو هيءُ ڌيان -
نت رهن سکي هن سنسار ۾

نت سهٽل ڏلي ساري- رازق روزي ڏيهه کي
الاري بکيو پلي - پر ڪارڻي سمهاري
پير فقير ، امير سڀ - ساڳيا تنهن دواري
سي پروس رهيا پوئتي - جي وهٺا وساري
جن ساريو گهر گهاري - تن سهجي پاتو پاڻ ۾

پلي ٻري جي رات - ڪٿجي هر حالت ۾
ڪن جي روئندي رڙندي- ڪن جي ٻنا فقرات
ڪن گذري سار سبحان ۾- ڪن ٻي ڪا اوقات
ٻر هر ڪنهنکي تات- آهه پروس لڳل پانهنجي

سدا تنهنکي سار - جو لهي سار سنسار جي
رهه راهي صداقت راهه ۾- نه هيڏي هوڏي نهار
جن وساريو قسي وروئهن ۾- جاڻ تني جي هار
پروس اهڙي پار - نه پهچن منزل موُر هين

قرض - ڪروڌ - وير - بيماري - جدائي - غريبي - آپس جي ڦوٽ - بک - بيروزگاري - غم - دشمن - چنتا ۽ ڪلڪشٽي نار ۽ سنتان ۔

فرق نہ جن ڄاتو - ستگر، ساڌ، ڀڳوان ۾
تني اهڙي گيان سان - انحد پد پاتو
اکنڊ جيءَ ۾ جوت - تنهن سالڪ سڃاتو
موڙي منهن سنسار کان - نام ڳنڍيو ناتو
لٿ رهي رنگ راتو - پروس اهڙي پريت ڪر

جي سهڻل مڪا سوُر - سي ڄاڻ سوغاتُون سڪ جون
سانڍي رکج ساهہ سيئون - رهندي ويجهو ڏور
ڪوري ڪڍج قلب مان - غفلت، غير، غرور
درد دٻائڻ دل ۾ - آهہ عاشقن جو دستور
ٿين پروس ڇڄي چوُر -
نہ پہ دانهن نہ ڪن ڪا داد لا

سڀ ساڳيا اسم سمان

١- سڀ ساڳيا اسم سمان - رام، رحيم - مرشد، ستگرو
٢- سوڳي اسم مذهب ڌرم - ظاهري فرق ڄاڻ
٣- غيرت بن بندا مڙئي - ڄاڻ ساڳي جان
٤- ساڳيو رت روڳ - چمڙو هڏيون - آتما، هر انسان

انمول ٻنڌن آڌار - آهه ڀڳتي- سڱت ساڌ جي
ٽوڙي تن کي جيءَ ٻه سدا دلبر ڌار
سنسار روپي ساگر مان- ستسنگ ناوُ پار اُڪار
سنگر سنڌس ٻانڀي - ونجهه هلائي منجهڌار
ڪرمن ٿمر سماو لڳ - سولي مانجهي سار
جن سهارو ڀڳتي ونجهه جو- تن سائي سرجڻهار
ٻانڀيءَ جهت اُن ٻوُر جي - ناوُ لڳائي پار
ٻهڙي ٻستيءَ لاڦنا - تيا مڪت مرڻ اوتار
(جمڻ مرڻ کان)

پروس جا ٻارون ٻار - پرڻام تني پيارن کي

آرتي انترياميءَ جي

١- اوم جيه انترجامي - هري جيه انترجامي
دين ديال دياميه - تون جڳ جو سوامي
اوم جيه انترجامي -

٢- گوڪل نات گوورڌن ڌاري -
سيانات رگهوڪل اوتاري
ڪرپا سنڌ وجڳت هتڪاري- سرو وياپڪ سوامي
اوم جيه انترجامي -

٣- ڌرم رکشا لڳ جنم ڌرين تون -
دکين جا دک دور ڪرين تون
پتت اڌارڻ پارس تون ئي- هڪ سوُ اُت نامي
اوم جيه انترجامي -

اهم عهد

١- اهم عهد ڪري ماڻ ڳريب ۾ - جيئُ جڳت ۾ آئيو
٢- ڏسي ٻزار ڪلپل اَت سندر - موڪ من للچايو
٣- ڦاسي عيشن، موهه، ڀرمن ۾ - سارو سکن ڀلايو
٤- گيان، ڌيان، ايمان ڪوهي اُن - پنهنجو جيءُ پڇڪايو
٥- ڀڳتي راهه ڀلائي دُرجن - وشين ٻاڻ ڦسايو
٦- ڪري ڪنارو ساڌ سنگت کان - من مڪ موهه لڳايو
٧- قدم قدم، دک، دوکا کائي - پاپيءَ من پڇتايو
٨- ڪري ڪڪرم نر پڇڪي آخر - ستگر شرڻيءَ آيو
٩- دکي ڏسي تنهن دين کي - ستگر جي من رحم سمايو
١٠- ڏيئي جوت، گيان، ڀڳتيءَ جي - اندڀارو من اُجلايو
١١- ڪرپانات ڪري ات ڪرپا - پنهنجيءَ شرڻ ملايو
١٢- پروس لوهه لڳو پارس سان - تيو پاپي - سون سوايو

جيوت جا ڏينهن چار

١- جيوت جا ڏينهن چار - ساڻ آنندءَ سڀڻ سنسار ۾
٢- بالاپڻ کائي تيئين - جوانيءَ جي اختيار
٣- ڦاسي درجن سنگ ۾ - پاڻ سات وڪار
٤- رس روڳن گهيري اوچتو - ڪيئه پيريءَ ۾ بيڪار
٥- پر پروس سارڻي ڪينڪي - سانول سرجڻهار
٦- جو ديالو دينن لسي - اڙ ڀن جو آڌار
٧- آخر مري آئين الهين - جت تيئين سڙي چار
٨- تيڙو اُنهن اُڌار - جن جوڙيو نينهن جگديش سان

چرخو

آهه، ادي جت ڪت - تو وس وهل ڪتڻ جي
چوراج چرخو سڪ سان - ڪري ڌاڳو هٿيو هٿ
ڪتڻج مٺي، مت ماٽ ۾ - ڪج نه ڪا ڦٽ ڦٽڪ
تند ڳنڍي ٻندي ليڪجهه پٽي - ڪيج ڪري ڏاهپ
سنهين ٿلهي ٻست ڪتيل جي -
ڪن ٻروس پارڪؤ ڪمڪ
ڪن اڳهامي ڦوري هيڪڙي -
ڪن سڙن ڪيڏا ستت
رهي تن لي ور جو هٽ -
جي پاڳيوُن هنج هوتن جي

نه وهي ويل وچاء - او ابا وڳر وروهن ۾
ٻهڙي عاشق اڳيان - قدمن جي ڇهڪاء
ٻڌي ٻول تني سندا - هٿين ساڻ هنداء
اهڙي اوسر ڪان ادا - ڪڏهن ڪين نتاء
ٻروس ٻوء تون پاء - رحمت راحت روُح جي

دانويرن ڪي وينتي

١- هيڻن جي حال تي هردم - مهربان مهر جا هٿ ڌر
اَول ڪر شاد دل تن جي -
درهياو دل شاد ٻو ٻنهجي ڪر

۴- ڪانءِ ڪمت، سمت ڏين ساٿين -
راهه سچيءَ جڳت کي لائين
بخش بديون، ڏي گيان جو ديپڪ
همراهه اوندهه هامي- اوم جيه انترجامي-

۵- نرگڻ پالڪ اسان سڀ ٻنهنجا -
واهر وسيلو تون ساري جڳ جا
مڪت وڪارن کان ڪر مالڪ -
ڏي درشن نج ڌامي- اوم جيه انترجامي -

۶- تو بن ٻئي ڪنهنجو نه سهارو -
تون ئين دين هين ڀڳتن آڌارو
پروس تون جڳ جو پالڻ وارو -
نرهنڪار اٿ شيءِ نامي- اوم جيه انترجامي -

سالڪ

۱- سالڪ سمجهائين - سڀين راهه سنسار کي
۲- ٻرو چاهن کين ڪنهن - ڀلو سڀ جو منائين
۳- اگڻ آيلن اٿين سان - نياز تون نباهين
۴- ويندي وال ٻه تن کي - مشڪي ورجهائين
۵- ڏوهه ڏسن نت پانهنجا - عيب نه ٻئي لائين
۶- درد ديا جهن دل وسي - اوڏو تن آهين
۷- سالڪ هن وهنوار سان - سک ٻر کي پهچائين
۸- ٻانڊ ٻه ٻوءِ پائين - پروس راحت روح جي

نه پاڻي سڳهيس راز - پرديسي پرين جو
پرڏال جن جي دلين ۾ - نياز، الفت درد دراز
شال نه ڏڪي ڏار ڪن - جن لئي اٿم ناز
هڻن ٽٽلن پرن سان - ڪهن پرُوس ڪري پرواز
الفت سندو راز - شل ٿئي نه عيان عالم ۾
(واڻڪو، ظاهر)

ڏون پرُوس ڪيچ ناهين - ٻنا سار سڄان جي
راحت ڪارڻ روح جي - ڇو هنڌ هنڌ واجهائين
ڇڏي حقيقي راهه ڇو - اوجهڙ پير پائين
ٻهچي در درويش جي - گهر جيڪي چاهين
پر هٿيلا هوڏ ڇڏي - اُت هلج هيناهين
مٿان پاڻ وڃائين - ڪري سنگ ڪُوڙن جو

١- وڻا سي ٻي لوڪ لڏي - جن پنث هلايا پانهنجا
٢- مُورک سٽي سنگ گيان ٻن - پيو پنهنجي هوڏ هلي
٣- فاني سموتي، سنتان تي - تن پاپي من پڏي
٤- قاسي ڪبد يا موهه ۾ - ڏني پڳتي راهه ڇڏي
٥- اصل وطن پلجي ٻندو - پيو اوجهڙ ڪوٽ اڏي
٦- مور نه ڏنهن ٻوڙي ٻڏو - پيو سو رهه ڪال سڏي
٧- ٻنا سمت سنگ روشني* -
ڪيڻن، اونداهون من اجلي

٢- وساءِ ٽن ڦٽل دل وادي -
سخي پنهنجيءَ سخاوت سان
دعائون ٻي پناهه پروس -
پوءِ ٿن جون ترت حاصل ڪر

سي گلڙا مرجهايا- جن خوشبوءِ ڏيئي خوشحال ڪيو
جن جن تنجي جاءِ پُري - سي ٻه نه سمايا
جڳهه روڙي گلزار ۾ - ڪيئن انساني گل ٻه آيا
ويا وڃهائي واسنا - ميرو پيرو وير جايا
ڇڏي نيشانيون رند رايا -
ورنا پروس وطن پانهنجي

نه ماڻا ڪر نه غرور - مٽي پر مٽيءَ ٿي
ڇا ٿي ٿي اڏندي رهي- سندي سڙيل حضور
ساجن جي سک سار سان- جن پُري دل پُر پور
آهه انوکو دستور - پروس پار پهچڻ جو

جني جوڙي جان - سي نعمت ساڙن سانت ۾
جي راهه ڇڏي ٻي راهه ٿيا - رهبر ٻن انسان
ڪين وڏن سي ڪاپڙي- رهيا غفلت ۾ غلطان
تون پروس رهه مستان - رکي راءِ حبيب جي

فقيري

۱- تن تياڳي چاهه، تمام - جن فقر فقيريءَ جو لڳو
۲- پهچي ستگر، ساڌ گهر- ڪن ستسنگ، صبح شام
۳- نيمي نماڻا نينهن ڀري ڪن شيوا رهي گمنام
۴- مورم سوچن سي ڀرين- ڪو تنهن ڦل، لاڀ، انجام
۵- اهڙي اٽل شرڌا، شيوا ڪري- تن ماڻو ڀڳتي جام
۶- ميٺيا سهڻل تني تمام - ٻروس ليک للاٽ جا

نت اوٺي آب اجهاڳ - ساري ساجن سڄڻي
ڏوهه نه ڪو ڪنهنکي ڏئي- ڀائي ڏکڙا مڌهن مهاڳ
ڀائين سٺيو ساجن گهر سندو- اٺيو ٻوٻو ساڳ
جنهن ڏني ڀت ڀرتم کي -
تنهن کو هيو سات سهاڳ
تنهن ٻروس ڀلو ڀاڳ- جا هردم هنج ۾ موت جي

انحد نامي ساز- سالڪ سورن اندر ۾
وڄي وحدت وات ۾- نه ٻاهر ٻڌي آواز
عاشق ان تي رياض ڪن- نڙي ساڙ نياز
ڀاءُ ٻروس ان جو راز- گياني، ستگر، ساڌ ڪان

٨- شرڌالن، شرڌا ڪري - ڪل ڪڍڻو ساڻ ٻلي
٩- مڪمت ملائي ساڻ تن - دان اهڙي ٻدلي
١٠- ورهيا اڪيلا مير، پير - ٻستيون محل ڇڏي
١١- پٽيان، تن جي ڇڏيل ٽڏي -
پيا پروس ڦڙڪن پکيڙا

ڪي غافل گهر گهارين - ٻڌا سار سبحان جي
ڪي جهنب گهمن جهنگلن ۾ - ڀلاڙن پند مارين
ڪي گهمن غفائون گودڙيا - ٻم پولا پڪارين
ڪي نيمي مندرن مڙهين ۾ دل پنهنجي ٺارين
پر پروس مت سنگ ساڻ جي وات نه نهارين
پوءِ هڏجون ٽا هارين - جڏهن هليا هارائي انت ۾

مسافر

١- مونيو مسافر - سفر ڪري سنسار جو
٢- پهتو وطن پانهنجي - ٽيرُ، ميرُ، ماهرُ
٣- اچي عادل اڳيان - گهري عدالت گهر
٤- ڏنو حساب ڪرمن سندو -
ٻڌي ٻانهون ۽ ٻئي ڪر (هٿ)
٥- حڪم حاڪم ٻڌي - مونيو ٺٿين جوٽي ڌر
٦- نت پروس اهڙيءَ پر -
پيو سري سرشتو سنسار جو

١١- تصوير ۾ آڻي تني کر دل ڀري ديدار
١٢- ڀروس اهڙي ٻار - ماڻ مشاهدو من سندو

١- پيٽ جڏهن آئين - ٻڌڄي ٻولو مٺيءَ جو
٢- هيٺ اُتو تنگيل اُهين - چيچه هر کي ٻاڏائي
٣- کلي ٻاهر مون هن کن مان- مهر پنهنجي اپنائي
٤- جاپ جپيندس تنهنجو - سڪ سان دل لائي
٥- ڏٺيءَ ديسا ٽولي کڻي - ولهتي اُنائي
٦- عجب جڳه جي روشني ڀسيڻ - ٻاهر جڏهن آئين
٧- ٽمڪائي .نديڙيون اکيون- ٻيو ڦر ڦر واجهائين
٨- ڪوهي ٻالڪپو ڪيل ۾ - جـواڻيءَ ۾ آئين
٩- پرڻجي پيچ پاپ ڪري - ٻيو ٻوڻجي وڌائين
١٠- ٻر نه پاليه پيٽ وارا - ڪي ٻرن ڪري آئين
١١- پڻين پڌاڙي ٻيريءَ جي- ٻيو واهر لڻه واجهائين
١٢- ڦاسي ممتا موهه ۾ - نير نيڻن وهائين
١٣- چوڙو چـڳي ٻورو ڪيڻه - روڻي ٻاڏائي
١٤- هنڙي حال ٻه سائينءَ سان- نه سگهين لينهن لائي
١٥- بنا ٻجڻي ٽمر سفر ۾ - ٻيو ٻرل يسي ٻچتائين
١٦- انت سمهين ساڳئي پٽ تي- جت جنم لهي آئين
١٧- آخر پهتين اُهين - جتان موت نه ڪو ڪائي
١٨- اُن وچڙ واريءَ وات جي - ڪير نه ڪل پائي

آهه ساڻ ڪنوس - اکيون کولڻ اَندر جون
اُت آئم جوت اکنڊ جڳي - پريم پيري سا پس
ديدار ڪري ڏاڍو ٿيءُ جيو - سهڻل سدا هس
سو صادق پاڻي رس جو پروس ساري صدق سان

ڪڇ ٻي ڪين سڏاءِ - سڀ ڪڇ هوندي اي ٻنڌا
خوش رهه گياني ساڌ جيان - هر ويلي هر جاءِ
سڪ سان سوري سهڙي - دل ۾ دلبر ڏياءِ
فانيءَ مٽيءَ مت جسم کي - اَنڊو پروس ڪين سڄاءِ
مڇ ٻڙد ٻسي هيءُ راءِ - ستگرو ستسنگ ساڌ جي

سٺيون

١- ٽن سٺين ڪيم وسار - جن گهوري جان گهوڻن ٽان
٢- سهڻي ميهيوال لئه - وچ سمر ٽري ٽڪ ٽار
٣- سسئي ور پنهل لئه - ڏ ينڌون راليان ڏونگر ڏار
٤- مارئي ماندي ڪوٽ ۾ - قيد ڪٽڻ ٻڄي گهار
٥- اوڏي آب اکين مان - ڦُر ماڙن وات نهار
٦- شيرين ۽ فرهاد جي - پڙ پاڪ اُلفت ڪين وسار
٧- ٽاڪي ٽڪر فراق ۾ - شيرين جو حقدار
٨- ليلا مجنو سار ۾ - روئسي وات نهار
٩- اڄ ٻئي ياد آهن ٽني - پاڪ محبت پر اظهار
١٠- شال نه مٽي من مان - ٽن سٺين نارين سار

هڪ سنگ ملائي ساٿ جو -

پيو انرت سان ميلاپ

صاف نگاهون جن جون- سي رهن سدا نشپاپ

اڇي هنن ات ڪيترا - تن روحاني آلاپ

جاڳي جهڙي جيءَ ۾ جاپ -

پاڪ رهن نت سي پران

عاشقي آلاپ

١- جن سمجهيءَ جيان ڪجهي سار -

تن پاتو پنهل ور پار ۾

٢- جي چاهين ور ميهر مهربان- تر سهڻي پڄي ٿار

٣- مور نه مت مجنو جيان- جنهن ليلا لءِ ڏونگر ڏار

٤- مارئيءَ جيان ممتا پري - پيڪا پران سنڀار

٥- پوءِ اهي گر پائين نه تون- نه ته ڦر ڦر وات نهار

٦- درد ڀري دل ڏار - نه پائين پروس هوس ڪي

ڏيو اڇاميو اوڇتو

١- ڪل نه ڪنهن پئجي- ڪيئن ڏيئو اڇاميو اوچتو

٢- ڪڏهن تيل سڙي ڪتو - وٽ وسامي ويئي

٣- ڪٿو چوڏو ڪيت مان - ٿي واٽي ٻڌ ويئي

٤- جئن آيو اڪيلو لنگو- تئن موٽيو پر ڏيهي

٥- ڳوڙها ڳاڙيا اُن اڳيان - خود مطلبين وهي

٦- آخر آندائونس الهين - جت نهڙي هر ڪوئي

١٩- ويا ڪنڀ ڪيڏا ڪاهي -
ٻر ٻروس وريو نہ هيڪڙو

ڪنهن ورلي سڳہ ٻاتو - سوڌي سهڻل راز جو
ٻوجا ڪري ٻساڻ ۾ - سو ٺاڪر سڃاتو
ڪوري ڪيٻو من مان - ٿن مان مان جو ناتو
صادق اهڙيءَ جاڻ سان - انهد ٻد ٻاتو
ستگر ميٽيو تن جي - ڪرمن جو ڪاتو
ٻوءِ، ڇا مون، ڇا تو - ٻروس ٻڇن ڪينڪي

ٻڳتيءَ سان ٻڳتن - ٻاتي اوت الک جي
ٻهي وندرن ٻساڻ ۾ - نڪا هانءِ هؤن ڪن
ڪوڙ، قلوقن، ڪچرو - ڪيي منجهائون من
وهاريو اٿو وندر لڳہ - ساڪي صاحب تن
ميٽي چنتا چاهہ چت - اوجهڙ نا الجهن
ملڻ تن کي محبتي - ڪيڏا اگڻ اچن
سي ٻروس رنگ رچن - ٻاڻي سنگ ستن جو

ٻروس ٻج ۽ ٻاپ - نہ مائن ساڳئي من ۾
ٻج ماڻي شانتي من سندي -
ٻاپ سمي نس سنتاپ

٣- چندا چاهه نه ڪا ڪري- سک دک جاڻ سمان
٤- سدا سمجهن ٻاڻ کي - ٻرد لسي مهمان
٥- آنند ماڻن اندر جو - گرمک ساڻ گيان
٦- ٻروس اهڙو ڏيان - ڪو ورلو ڦڻ ٻاڳي ڏري

او ابا !!

١- موُر نه ميٻر سڏاء - رهه نندو ڏي هر نظر ۾
٢- ويل ٻچائي ڦڳر مان - سنسنگ وک وڌاء
٣- سرت، سار سهڻل سندي - سيدي مدجهه سماء
٤- ڪپت، ممت من مان ڪڍي -
اُت انحد جوت جڳاء
٥- اهڙي انوکي روشني - هر پلپل بدي ڏڳه لاء
٦- ٻوء ڏون ٻروس ٻاء - آتمڪ آنند اندر جو

١- ڪري ڪاڳر ڪارا - ويا لکندڙ لکي ڪيترا
٢- ڪنن جا مڌي ۾ رهيا - ڪن چڏيا اڌوُرا
٣- ڪين ڪڏهين ڪنهن اي چيو -
ڪل ڪيم لکي پورا
٤- ڪيچ ڪيچ ڪي جالي لکي- وڃي سنا سويرا
(گذاري ويا)
٥- ڪن جا ڏهيا ڏوُڙ ۾ - ڪن ۾ جهنن بسيرا
٦- ورلي ڪنهن قبول ٿيا - مٽيل ۽ ميرا

٧- منهنجي مت هستي سڙي، منهنجي ملي وڃي

٨- پروس الهين پيئي- ڪرت ڪري قدرت پانهنجي

١- سي ڪين سنگ لٽن- جن پوک نه پوکي پانهنجي

٢- پراون پيهن چڙهي - جهار پيا هڪلن

٣- سي ڪوڙا ونن (پائن، ماٽن، اپائن) ڪينڪي
جي پر آذار پڌن

۴- ساڌ سنساري ڪيت م- نت پڳتي لڳ چئن

٥- گياني ستسنگي ملي - سا پروس پوک لٽن

٦- ونڊي کائن وڃر سان - ڪين ڪنهين رائن

٧- تن پورهيا ٿاب پون - هردم هر درٻار م

وڃر

١- ڏسي وڏو وڃر - من ٿاري مورک پانهنجو

٢- پر نه پهتو مورهين - ستسنگ، ستگر در

٣- مانجهاندي جي ماڳ ڪي- پيو سمجهي جائي ٻائر گهر

۴- پروس نڳي پاٽ کي - کوهي پڳتيءَ سند و ٿمر

٥- ساڌ اڏشڌي، آسيس ٻن -
منهنجي نه من جي مر (ڪتم چڙهيل)

٦- سنساري سفر - تن اڏکو ڪنجي انت م

سچو ساڌ

١- سو سچو ساڌ سبحان- جو جلي نه اوديا آگ م

٢- سڪي رهي سنسار م- لياڳي موهه ايمان

پرديسي پيا جاڳن - ڪڏهن ايندا نيڻن مان
صبح ملي سڀ پاڻ ۾ - سانت ڏيئي نڪرن
ساري اسباب ساڻ ڪيان - سڪ وارن سانگيئڙن
پهچي راهي راه ۾ - وڻندي وڪ هلن
ويهي رهن نه واٽ تي - تڪو تڪ ٽپن
پيا پروس هوت هلن - ته پهچن وطن پانهنجي

جاءِ جوڙي جوڳيئڙن - پروس پنهنجي جيءَ ۾
وهاري امت واحد کي - وحدت سان وندرن
ٻنا سار سهڻل جي - ٻي لات نه طلب تن
نيڻ نمائي نياز سان - ات عيبن اوگهڙ ڪن
ڪڏهي غير قلب مان - سي صوفي صاف رهن
درد پرڀل تن دلين ۾ - ڏونهيون دل دکن
نه ٻاهر ٻاق ڪڍن - نعم سانئين سور سرير ۾

جوت جڳاءِ جاني - جانب پنهنجي جيءَ ۾
ڪڍ لڙي تنهن سان تن مان - اگيان اونداهي
ٻڌڪي ٻلجي راه ۾ - رهبر ٻس راهي
مور نه پهچي ماڳ سو - جو سڙڪ ٻڌي ساهي
انمول گهڙي جيون جي - تنهن کوهي اجائي
سي پاڻ سارائي - جن پروس پوکي پانهنجي

٧- نيشان تني ٻي نا رهيا - ظاهر ڪي پيرا
٨- تني جا ڏيرا - اڄ پروس پسجن ڪينڪي

سڀ ساڳيا

١- جنهن آکين آڏاٽو -
سونهي گهر، پانڌو، اڇو، جهونپڙي
٢- اٿ ويڙها مسڪينن جا - ڪن وهنوار ٻه قرباٽو
٣- ڪري ٻو رهيو ٻگهر جو - پريوار پالي سياٽو
٤- راليون ملي پاڙ ۾ - ڪن سٽسنگ سيباٽو
٥- سڌجي اڇو شاهوڪار جو - محل امراٽو
٦- ڪل مڪسر سک سنسار جا - آنند عالماٽو
٧- تن عيش ادنمبر دڪن ۾ - ڪٽندو رهيو ناٽو
٨- ڪين ڪمايو هر ٻگت ٿن- جنهنتي ڪن ماٽو
٩- ٿيو سفر پورو سنساري جڏهن ڪٽن جل داٽو
١٠- کوهي اوسر آڏاٽو - پروس پرڏيسي وريا

پسيو جن ساکي - پروس پرلئم پاڙ ۾
نه اڏامن آسمان ڏي - مٺل اهڪاري پناڪي
سکي رهن سنسار ۾ - ٽٽي ٿياڳي ويراڳي
ٻاجهه ڪري ٻاجهه ڏٽيءَ - تن جي پس راکي
ٻگتي رس ماکي - نت چکن جگياسي چاهه سان

مٿو مون مسڪين کي - الا ان ارمان
مٽيءَ پيدا ڪئي مٽي - مٽي پائي مان
عجب عاليشان آهن افسانا مٽيءَ جا

١- نيت سندو نانو- آهه جانب جڙيل جان سان
٢- ٻانيندا، پائن پيا - قل، آهه ڪدي پانو
٣- ٻڌي ٻڌي نه ڪو ٻندو - ٿي ميرُ، پير آنو
٤- ورلي ڪنهن هـن وانت کي - سالڪ سڃانو
٥- ڪرم لکيو ڪانو - ٻروس ٻڌي هر حال ۾

آهه ٻندو اٿڻان هردم هر حالت ۾
مٿي ٻر مٽيءَ لي - پيو ٻروس ڪرڻ مانڻ
جٿي مري پيو جڳت ۾- ڪو ٻندو ڪنهن ڪاڻ
مار هٿسيس هستي پاڻ- نه ماڻين من مشاهدو

اُٿ وهم وهيڻا اُٿ - سهڻين سهڻدڻ ڪيترو
لاهوتي لوچڻ ٻنا - مور نه ملندءِ ڏٿ
(ٻگتي) (سهڻل - مذهب)
مٿان ٻروس کوهين ٻرن جو رحمت ٻرپو همق
جاڻ وقت وڏيائي وَٽ- ويل نه ڦري مؤرهين

واهه واهه تصور يار - ساڻي سهڻو هر حال ۾
جو ساري هن حليم کي - ڪٿي جي ڪنهن ٻار
دير نه ڪري دادلو - جهٽ ڀڄي سو سردار
سيڪنڊ ۾ سهڻل آڻـــي - ملائي مٺار
راحت ڏياري روح کي - ڪرائي ديدار
مير ۽ پير ۽ فقير ۽ هر عالم جو آڌار
مانگ ٻه مزوريءَ جي ڪري - سو خاصو خدمتگار
نت ٻائي پروس پيار - سڀ ڪنهن کان سنسار ۾

هر ٻڳتي هردي ڌار - ٻري نينهن نيڻن ۾
گهر ۾ گهاري سک سان - ساڪي ستگر سار
ڪيڏي ڪبڌيا من مان - اُت سرجڻهار وهار
ٻوءِ پروس ٻوندين پار - ٻائي ٻيڙو ٻاجهه جو

تن جو نڪمون نُوَر - جن ٻسيو نه در درويش جو
وهندي وسندي وڃهڙا - ٻِڄ ڏنگا سمجهن ڏُوَر
غلطان رهن مت موهه ۾ - ڦسي گهمنڊ غرور
ٻن ٻڳتي ستسنگ ساڌ سنگ - مورک سهن سُوَر
ٻر مُوَر نه ٻولن ٻُوَر - پروس ٻرن ٻار جو

ساريم ڪين سڀان - وڃڙي ويل هئن مان
ڦاسي وڳر وروهن ۾ - پروس رهيو اٽڪاڻ

شرڌا سان شيوڪ ٻڻجي - شيو ڀي ساڌو سنت
ڪرت پالو تن پاڻ ۾ - آنند ۾ ئي اننت
موھ ممتا ميٽي ٻري - ڀڳتي نام اننت
پروس تن ڀڳونت - ڪانئون ڪرمن جون ڪڙيون

وڃڻ واھيون ڪن - پرديسي پنھنجي ڏيھ لئه
جن سانگين ٿيو سميتيو - سي رھيو ڪين رھن
ونڌي ونل وڳي ڪي - ڏيٺي ڏک وڃن
ٻاجھاريون ٻولينو لئي - پل پل ياد پون
نت اسين تن ھت ساريون - پرسي نه اسان سارن
لئي جي تصور ۾ - نيڻئون نار وھن
شل سدا سک رھن - پروس پريو گود ۾

ڪي اھڙا ٻي آھن - ميرء پير سنسار ۾
سڙن ڏسي ڪنھن اسرندو - نائو ڪري لئھن چاھين
دياء ڌرم ء نيڪھن ء نياز جي - ڪڏھن تات نه ڪن
نڪا ستسنگ ساڌ جي - سي زڪا تانگھ رکن
ڦاسي ممتا موھ ۾ - پيا ڪوڙي ڪوڏ ڪڏن
ماڻا اچڻي وڃڻي - نه مورک سي سمجھن
ٿا پروس ھٿ ھڻن - پسي خالي پلئو پانھنجو

١- پيو اٽڪي اڙائي - ٽيڻ مسافر ٽينهن ۾
٢- ساٿي سات ڇڏي ويا - پگهر پنهنجو سڪائي
٣- ڪير ٻه سگهيو ڪينڪي - سي ويندڙ وراڻي
٤- سوڻي لاٻارو لاهي - جو پروس پوکي پانهنجي

نه لنهنجو منهنجو ڏوهه - نڪو ڪنهن ساٿيءَ سندو
نڪو ڪرمن ڏوهه ڏي - ۽ دشمن ڪيڙو ٻوهه
پلجي پگتي راهه بندو - پيو ڦٽڪي ڦاسي موهه
نت پڙي پروس سوءِ - لکيو لوهه قلم جو

عاشق جي آهين - ٻڌ ٻڌي آگ عشق ۾
سهج سُور سَڙڻ جا - آهه نه ڪج ڪائي
صادق سڙج نه ڪاڏهين - جيسين لڱ پائين
ڀختو رکج ڀاڻ کي ، مٿان پروس مٽڪائين
ڀوءِ پرين تو ڏائين - پهچي تو ڪڇ ۾ ڪندو

عاشق سهي عذاب - راحت ماڻن روح جي
پالي سمهه سورن جا - پڻ آهه نه پرين ڪابه
اورون اورن ڀاڻ سان - لاهن لوڪ حجاب
جي پروس اڳ بيتاب - هاڻ شاد رهن هر حال ۾

فقر، فخر ۽ غيرت، غفلت. سدا ستاءِ فقيرن کي
(درويشن)
لالچ، موهه، اهنڪار، مايا جو.
لوڀ ستاءِ اميرن کي
بک، بيناءي، درد، ستم ستائن.
دربل، مسڪين، سڳيرن کي
سک سهٽل جي سار ستائي.
درويشن، سنتن، پيرن کي
اون انوکي رهي ديش جي.
ديش پڳت ۽ وڏرن کي
عاشق، حسن جا شائق چاهن.
تيغ آبرو جي تيرن کي
سنڌي ٻولي، سنڌيت جي چنتا.
نت رهي سنڌ ٻن سڌارن کي
ٻر ٻروس ڀل ڀل پيو وساري.
سائي سڀ، فقيرن کي

شانتيءَ م گهاري. نت سيوڪ سنگر ساڌ جو
باڙو ٻولي ڪينڪي. ڪنهن هيب نه اپناري
ڪڏي ڪيڏيا ڪروڙ اندر مان.
آهه ديا ڏيرج ڌاري
نرهنڪار جو نسام نت. نيمي پڪاري

پتنگ، پروانو، پوپٽ - آهن اسم هيڪڙو
پسي شاھ شمع جو - اچي اڏامي جهٽ
وَر ڦر ڪري ورندو رهي - ڏسي روشن وٽ
جان جلائي پانهنجي - عاشق اٿ جهٽ پٽ
ٿمهن رک ٻه ڪري پيئي پٽ - پروس سهٽل سوز ۾

عاشق آئي آءُ - جت محفل معاشوڪن جي
ڪاڏو وحدت ويل سندو - خوش ٿي ويٺي ڪاءُ
سامهون ويٺي سوُنهن جو - لعلن پس لڪاءُ
سک سوز درد فراڪ جو - پوندءِ پوءِ سماءُ
نا اُت ريب رياءُ - ڪل پروس پنهنجا پاڻ ۾

سک وندن جي سار - شال نه مٽي من مان
لوڙي ويٺو وطن ۾ - پرديس ۾ چاهي گهار
پائي فطڙا خير جا - تن، ڪيان اصور ۾ ديدار
شال نه ٿئي هيءَ قرب ڪڙي -
جيسين آهيون جيئرا يار
مور نه اچي من ۾ - وڇڙڻ جو ويچار
ٿم تن پرديسين لئه پيار -
جن آهه پروس کي پنهنجو ڪيو

الاهي عيبدار- آهيان نڪمون بندو نيڌهن بنا
قائل ممتا موهه ۾ - شاهي شرمسار
آهه پروس آر نه پار - الا مون اوڻاين جو

او ابا

عيب نه ڀئي ڪنهن سار- ڀهرڻ پس تون پاڻ کي
عاقل جو آڪي ويا - تنهنڪي دل ۾ ڏار
پڌهڏجا عيب اوڻائيون - سڄڻ آؤل سڏار
جني ساريو سڪ سان - سهڻل سرجڻهار
تن جي هر حالت ۾ - سنگر لهي سار
ڏيو ڏاڻي گيان جو - مٽيو اگيان انڌار
پوءِ پائي هر پرڪار - پروس مڪتي پدجن کان

نه ساتي سوُر وسار - تا آڻن سات سکن جا
کر نه ڪنارو تن کان- نت خوش ٿي تن کي ڏار
عاشق، ٻيڙ، فقير جا - آهن عمر ٻڌ آڌار
صادق، سوز سورن بنا- ٻيو جاڻن کل بيڪار
سهاري سوُرن جي ڪن - وحدت جو واپار
پرُوس اهڙي پار - ماڻن راحت رُوح جي

نرمل آتم جوت . نت جڳي تنهنجي جيءَ ۾
شرڌا، ڀڳتي پاڻ جو - تيل تنهين ۾ اوت

اکنب جوت اندر جي - تنهن ستگر ڏيکاري
ڪرمن ريکا تنهن ڪٽي - صاحب سوياري
پوء پروس هر پاري - پسي سٽاڻي سنسار ۾

آهه پروس پڻ پاتو - پروانو نج ديس جو
مورک اهڙيءَ موت لئه - اڄ اچانڪ ڇاتو
